روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اڱارو 07 مارچ 2023ع بمطابق 14 شعبان المعظم 1444ھ (قيمت 10 رپيا) شمارو 283

عمران خان غير سياسي شخص آهي، ان سان ڳالهيون نه ٿيون ٿي سگهن: آصف زرداري

عمران خان کي سياستدان نٿو سمجهان، هن سان ڳالهيون نٿيون ٿي سگهن، پارليامينٽ سيني کان سپريم آهي، نوازشريف جو لنڊن ۾ رهڻ هن جو پنهنجو سياسي فيصلو آهي

مانگي تانگي سان ملڪ نٿو هلي سگهي، مون اڄ تائين پڳهار ناهي ورتي، منهنجو پٽ به پڳهار نٿو وٺي، عمران خان ڀٽو صاحب، بي بي شهيد کان وڌيڪ ته مقبول ناهي

مون 14 سال قيد ڪاٽي، جام صادق آڇ ڪئي هئي ته جيل کان گاڏي تي ائيرپورٽ ڇڏي اچان، مون آڇ رد ڪري ڇڏي، ڪنهن جي فون تي پرويز الاهي پنهنجي سياست داءَ تي لڳائي ڇڏي

مفتاح اسماعيل کي هٽائڻ ن ليگ جو پنهنجو فيصلو هو، وزيراعظم سان ملاقات ۾ اليڪشن تي ڳالهيون نه ٿيون، سيڪيورٽي تي ڳالهيون ٿيون

سنڌ سڀ کان وڌيڪ ڪمائي ڏئي ٿي، پنجاب اين ايف سي، 18 هين ترميم مان سڀ کان وڌيڪ فائدو ورتو آهي، اسان جو مقصد وفاق کي مضبوط ڪرڻ آهي

نوازشريف جي واپسي هن جو ذاتي مسئلو آهي، پنجاب ۾ پ پ جي واپسي لاءِ ٽائمنگ اهم آهي، هن چيو ته نيب ۽ ڪاروبار گڏ نٿا هلي سگهن، هر ڪامورو صحيح ڪرڻ کان اڳ ڊڄي ٿو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اڳوڻي صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته صبح کان زمان پارڪ ۾ ڊرامو لڳل آهي، پوليس وارا بستري جي هيٺيان ڏسن ته عمران خان ملي وڃي ها. هڪ نجي ٽي وي کي انٽرويو ڏيندي هن چيو ته عمران خان کي سياستدان نٿو سمجهان، هن سان ڳالهيون نٿيون ٿي سگهن، پارليامينٽ سيني کان سپريم آهي. نوازشريف جو لنڊن ۾ رهڻ هن جو پنهنجو سياسي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

جيل ڀريو تحريڪ جو نعرو هڻندڙ هاڻي جيل کان بچايو تحريڪ ۾ مصروف آهي: شرجيل ميمڻ

سنڌ حڪومت چاهي ٿي ته صاف ۽ شفاف طريقي سان ڊيجيٽل آدم شماري جو عمل ٿئي ۽ ڪنهن جماعت يا گروپ کي ان تي ڪو به اعتراض نه هجي

جيل ڀريو تحريڪ جو نعرو لڳائيندڙ هاڻي جيل کان بچايو تحريڪ ۾ مصروف آهي. جيل وڃڻ جو خوف تمام گهڻو سندس ذهن تي حاوي ٿي ويو آهي

جن جي مدد سان عمران خان کي ناجائز اقتدار ڏنو ويو، اڄ انهن جي خلاف عمران نيازي پرڏيهي ملڪن کان مهم هلائي رهيو آهي

باجوه صاحب هن کي جهولي ۾ ويهاريو، ان وقت سڀ ٺيڪ هو. هن چيو ته هاڻي اداري جي هر آفيسر کي بليڪ ميل ڪري رهيو آهي اها تحريڪ نه پر غنڊا گردي آهي

پاڪستاني عوام کي انهن ماڻهن جا گريبان پڪڙڻ گهرجن ۽ انهن جو گهيراءُ ڪرڻ گهرجي. هي تبديلي نه پر تباهي آهي جنهن اسان جي نوجوان نسل کي تباهه ڪري ڇڏيو

ايم ڪيو ايم جي بائيڪاٽ جي ڪري جماعت اسلامي کي ايترين سيٽون مليون نه ته سندن 25 کان وڌيڪ سيٽن جي حيثيت نه هئي: سنڌ اسيمبلي ۾ ميڊيا ڪارنر تي ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) ٻڌ سماءَ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته جنهن تي احسان ڪريو ان جي شر کان ڊڄو پنهنجي ٽوئيٽر پيغام ۾ هن چيو ته عمران نيازي اقتدار جي لالچ ۾ پنهنجي حقيقي آقائن خلاف زهريلي مهم ۾ مصروف آهي، جن جي مدد سان عمران خان کي ناجائز اقتدار ڏنو ويو اڄ انهن جي خلاف عمران نيازي پرڏيهه مان مهم هلائي رهيو آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: ٻڌ سماءَ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

واچ چور پوليس کي ڏسندي ئي ٻل ۾ لڪي ٿو، جنهن ڏينهن عدالت ۾ پيش ٿئي ٿو ان ڏينهن ئي خبر پوي ٿي: مريم اورنگزيب

پوليس جي وڃڻ کان پوءِ هو ٻاهر اچي ٿو ۽ رڙ ڪري ٿو، "هي ماڻهو قانون ۽ آئين کي يرغمال بڻائي رهيو آهي

عمران خان ادارن خلاف گارين ۽ مهم هلائي رهيو آهي، ڪو پڇڻ وارو ناهي

پاڪستاني عوام غير ملڪي فنڊنگ ايجنٽ، واچ چور، پوليس جي نظر ۾ لڪندي ڏسي رهي آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) ٻڌ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته واچ چور پوليس کي ڏسندي ئي ٻل ۾ لڪندو آهي. پوليس جي وڃڻ کان پوءِ ٻاهر نڪري اچي وڙهندو آهي. هن شخص قانون ۽ آئين کي يرغمال بڻائي رکيو آهي. ان کي هراسان ڪيو ويو آهي، خلاف ڪارروائي، ڪو به پڇڻ وارو ناهي ڪيس خبر آهي ته جنهن ڏينهن هو عدالت ۾ پيش ٿيندو. ان ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

نيب ٽيم مني لانڊرنگ ڪيس ۾ عمران خان کي نوٽيس ڏيڻ زمان پارڪ پهچي وئي

نيب اسلام آباد جي ٽيم مني لانڊرنگ ڪيس ۾ نوٽيس وصول ڪرائڻ عمران خان جي گهر پهتي

پي ٽي آءِ چيئرمين جي سيڪيورٽي کي نظر ۾ رکندي نيب جي ٽيم کي اهلڪارن ڪافي دير تائين ٻاهر روڪي رکيو

عمران خان کي نيب طرفان ڪهڙو نوٽيس وصول ڪرايو ويو؟ پر نيب اهلڪارن ميڊيا کي سوالن جو جواب ڏيڻ ڏيڻ کان پاسو ڪيو: صحافي

لاهور: (م ڊ) نيب جي 2 رڪني خصوصي ٽيم پابندي مڙهيل فنڊنگ ڪيس جي سلسلي ۾ زمان پارڪ پهچي وئي. نيب اسلام آباد جي ٽيم مني لانڊرنگ ڪيس ۾ نوٽيس وصول ڪرائڻ عمران خان جي گهر پهتي پر نيب جي ٽيم کي عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

بولان ۾ بلوچستان ڪانسٽيبلري جي ٽرڪ ويجهو ڌماڪو، 9 اهلڪار شهيد

بلوچستان ڪانسٽيبلري جا اهلڪار سبي ميلي مان ڊيوٽي کان پوءِ ڪوئيٽا واپس اچي رهيا هئا ته ڌماڪو ٿيو

ڌماڪي ۾ زخمي ٿيندڙ 3 ڄڻن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي جن کي سي ايم ايڇ سبي منتقل ڪيو ويو

شروعاتي شاهدين موجب بولان ڌماڪو خودڪش هو، ڌماڪي کان پوءِ بم ڊسپوزل ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي وئي

دهشتگرد بزدلاڻين ڪارروائين سان پنهنجن ناپاڪ ارادن کي حاصل ڪرڻ چاهين ٿا: وڏو وزير عبدالقدوس بزنجو

ڪوئيٽا: (م ڊ) بولان ۾ بلوچستان ڪانسٽيبلري ٽرڪ ويجهو ڌماڪي سبب 9 اهلڪار شهيد ٿي ويا. پوليس موجب بلوچستان ڪانسٽيبلري جا اهلڪار سبي ميلي مان ڊيوٽي کان پوءِ ڪوئيٽا واپس اچي رهيا هئا. ڌماڪي ۾ 9 اهلڪار زخمي به ٿيا آهن. پوليس موجب ڌماڪي ۾ زخمي ٿيندڙ 3 ڄڻن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي جن کي سي ايم ايڇ سبي منتقل ڪيو ويو آهي. ان حوالي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪوئيٽا: بولان ۾ بلوچستان ڪانسٽيبلري جي ٽرڪ ڀرسان ٿيل ڌماڪي بعد سيڪيورٽي اهلڪار واقعي واري هنڌان شاهديون گڏ ڪندي

منهنجي طرفان پاڪستاني هندو برادري سميت سڄي دنيا ۾ هولي ملهائڻ وارن لاءِ نيڪ تمنائون آهن : فريال

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي عورت جي مرڪزي صدر ۽ ايم پي اي فريال ٽالپر جو هولي جي موقعي تي پيغام ۾ چيو آهي ته منهنجي طرفان پاڪستاني هندو برادري سميت سڄي دنيا ۾ هولي ملهائڻ وارن لاءِ نيڪ تمنائون آهن. هولي جو عيد برائي جي شڪست ۽ چڱائي جي فتح جي علامت آهي اهڙا عيد ملهائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

توشه خانه ڪيس: عمران خان جي درخواست رد، ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ برقرار

ايڊيشنل سيشن جج ظفر اقبال تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي ضمانت نه ٿيڻ جوڳن گرفتاري وارنٽن کي برقرار رکيو

عدالت عمران خان جي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ بعد ڪجهه دير لاءِ فيصلو محفوظ ڪيو هو. اسلام آباد جي عدالت ساڳئي ڪيس ۾ عمران خان کي اڄ طلب ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي عدالت پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي توشه خانه ڪيس ۾ ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ رد ڪرڻ واري درخواست کي خارج ڪري ڇڏيو تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي وڪيلن اسلام آباد جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

عمران خان سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس ڏانهن هڪ ٻيو خط لکي ڇڏيو

چيف جسٽس کي اڳوڻي وزيراعظم عمران خان پنهنجي زندگي کي پيش ايندڙ خطرن کان آگاهه ڪيو

مختلف ڪيسن ۾ پيشي جي موقعي تي مناسب سيڪيورٽي جا انتظام ڪرايا وڃن: عمران خان

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان چيف جسٽس آف پاڪستان جي نالي هڪ ٻيو خط لکي ڇڏيو آهي. سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پي ڊي ايم چونڊون ملتوي ڪرڻ لاءِ ڪجهه به ڪري سگهي ٿي: شيخ رشيد

نوازشريف مهانگن اسٽورن جا چڪر لڳائي رهيو آهي ۽ غريب سستي بازار ۾ ڌڪا کائي رهيا آهن

بلاول ڀٽو زرداري کي آخرڪار ٻوڏ متاثر ياد اچي ويا، جنهن کان پوءِ هن چونڊن ۾ حصو وٺڻ ۽ وزارتن مان نڪرڻ جو اعلان به ڪري ڇڏيو آهي

پي ڊي ايم جي ويجهو هن ملڪ جو مسئلو مهانگائي ۽ معاشي تباهي ناهي پر عمران خان جي گرفتاري ۽ پابندي آهي

راولپنڊي (م ڊ) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد احمد چيو آهي ته پي ڊي ايم چونڊون ملتوي ڪرڻ جي لاءِ ڪجهه به ڪري سگهي ٿي. پنهنجي ٽوئيٽ ۾ شيخ رشيد چيو ته عمران خان تي پابندي ۽ گرفتاري جي لاءِ پوليس اماڻڻ سان خبر پئي ٿي ته پي ڊي ايم جي ويجهو هن ملڪ جو مسئلو مهانگائي ۽ معاشي تباهي ناهي پر عمران خان جي گرفتاري ۽ پابندي آهي. اڳوڻي وفاقي وزير چيو ته نوازشريف مهانگن اسٽورن جا چڪر لڳائي رهيو آهي ۽ غريب سستي بازار ۾ ڌڪا کائي رهيا آهن. شيخ رشيد چيو ته پي ڊي ايم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

لاهور هاءِ ڪورٽ راڻا ثناءُالله خلاف توهين عدالت جي درخواست کي رد ڪري ڇڏيو

لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس علي باقر نجفي جي سربراهي ۾ 2 رڪني بينچ وڪيل جي اپيل تي ٻڌڻي ڪئي

راڻا ثناءُالله عدليه خلاف تقريرون ڪيون جيڪي توهين عدالت جي زمري ۾ اچن ٿيون: وڪيل

اوهان ايترا ڪيس ڪٿي آيا آهيو؟ اسان وٽ ته ٽي وي ڏسڻ جو به وقت ناهي هوندو: جسٽس علي باقر نجفي

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ عدليه کي مبينه طور تي تڪراري بنائڻ تي وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله خلاف توهين عدالت جي درخواست کي رد ڪري ڇڏيو. لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس علي باقر نجفي جي سربراهي ۾ 2 رڪني بينچ وڪيل جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

PAKISTAN
ABN
KN
اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُ الله پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

آصف زرداري جرئت سان گرفتاري ڏني، عمران ڇو فرار ٿي رهيو آهي؟ شيري رحمان

عمران خان گرفتاريءَ کان بچڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهايو ته هو گهر ۾ نه آهي

عمران خان عدالتي ۽ قانوني ڪارروائي روڪڻ لاءِ هر ڀيري ڪارڪنن جي پويان لڪي وڃي ٿو

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي وزير شيري رحمان چيو آهي ته قانون جي حڪمرانيءَ جي ڳالهه ڪندڙ عمران خان گرفتاريءَ کان بچڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهايو ته هو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ٻڌايو وڃي ڇا اسان جا ايٽمي اثاثا دٻاءُ ۾ آهن: رضا رباني

پاڪستان کي اهڙو ڪردار ادا ڪرڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي جيڪو قومي مفادن جي خلاف هجي

چين کان سواءِ ٻين دوست ملڪن جي لنوائڻ تي پارليامينٽ کي اعتماد ۾ وٺڻ جي ضرورت آهي

عوام کي اهو ڄاڻڻ جو حق آهي ته ڇا اسان جا ايٽمي اثاثا دٻاءُ ۾ آهن؟: اڳوڻو سينيٽ چيئرمين

اسلام آباد: (م ڊ) اڳوڻي سينيٽ چيئرمين ۽ هاڻوڪي سينيٽر ميان رضا رباني چيو آهي ته لڳي ٿو ته پاڪستان کي اهڙو ڪردار ادا ڪرڻ تي مجبور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اڳوڻو سينيٽ چيئرمين رضا رباني (فائيل فوٽو)

عمران خان کي مڪمل طور تي صادق ۽ امين قرار نه ڏنو هو: جسٽس (ر) ثاقب نثار

جڏهن ته مان چيف جسٽس به نه هئس تڏهن نوازشريف مختلف حلقن ۾ اهو چوڻ شروع ڪري ڇڏيو هو ته هي پنهنجو چيف آهي

مون پاناما ڪيس ۾ پاڻ کي بينچ کان ڌار ڪري ڇڏيو هو ۽ نااهلي ڪيس ۾ مدي بابت نوٽيس به واضح ڪري ڇڏيو

جيڪو به مدد ڪرڻ چاهي ڀلي ڪري. نااهلي جي مدي جي مقرري آئين ۽ قانون جي روشني ۾ ڪيو ويو

اسلام آباد: (م ڊ) اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار چيو آهي ته عمران خان کي مڪمل ۽ سمورن معاملن ۾ صادق ۽ امين قرار نه ڏنو هو نجي ٽي وي سينٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اڳوڻو چيف جسٽس ثاقب نثار (فائيل فوٽو)

مريم نواز خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي لاءِ هڪ ٻئي درخواست داخل

عدليه جي خلاف مهم هلائي پئي : درخواست جو متن

مريم نواز پارلياماني جمهوريت جون ڳالهيون ڪندي آهي

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ مريم نواز خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي لاءِ هڪ ٻئي درخواست داخل ڪئي وئي آهي. مسلم ليگ (ن) جي چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ليجنڊ اداڪار محمد قوي خان ڪينيڊا ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

محمد قوي جي عمر 80 سال هئي، هو جگر جي ڪينسر ۾ مبتلا هو، جنهن دم ڏني حوالي ڪيو

محمد قوي خان ننڍي عمر کان ئي ريڊيو کان صداڪاري جي شروعات ڪئي

ڪراچي: (م ڊ) ريڊيو ٿيٽر، فلم ۽ ٽي وي جو ليجنڊ اداڪار محمد قوي خان ڪينيڊا ۾ لاڏاڻو ڪري ويو سندس عمر 80 سال هئي، هو جگر جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: مملڪتي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

سيد زين شاهه جي طبيعت ۾ سڌارو نه آيو

سيد زين شاهه جو ڪراچي جي ضياءُ الدين اسپتال ۾ علاج هلندڙ

زين شاهه کي ڦڦڙن ۾ انفيڪشن ٿيو آهي ۽ سندس علاج هلندڙ آهي: ترجمان ايس يو پي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر سيد زين شاهه جي طبيعت ۾ سڌارو نه آيو آهي سيد زين شاهه جو ڪراچي جي ضياءُ الدين اسپتال ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ايم ڪيو ايم پاڪستان وزيراعظم کي 19 مارچ جي ڊيڊ لائن ڏئي ڇڏي

وزيراعظم ماڻهن کي چوي ته هاڻ اسان تي ڪو به ظلم نه ٿيندو، جيڪڏهن اسان شريف آهيون ته ايم ڪيو ايم به شريف آهي: مقبول صديقي

اسان کي خبر آهي ته پراجيڪٽ عمران خان ناڪام ٿي ويو آهي، اهڙا پراجيڪٽ نه صرف ناڪام ٿيندا آهن پر اڪيون به ڊيڪلئر ڪندا آهن

ملڪ ۾ آدمشماري ٿي رهي آهي، اسان کي هر حال ۾ پنهنجو پاڻ کي ڳڻپ ڪرائڻ گهرجي: ڪراچي ۾ جلسي کي خطاب

ڪراچي (م ڊ) متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پاڪستان وزيراعظم شهباز شريف کي 19 مارچ جي ڊيڊ لائن ڏئي ڇڏي آهي ڪراچي ۾ جلسي کي خطاب ڪندي رابطه ڪميٽي جي ڪنوينر خالد مقبول صديقي چيو آهي ته وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ اسيمبلي ۾ تڪراري ڊجيٽل آدمشماري خلاف ٺهراءُ منظور: فردوس شميم نقوي طرفان ڪپڙا لاهي احتجاج

ڪ انصاف پاران عمران خان جي تقريرن ۽ بيانن تي پيمرا جي پابندي خلاف ٺهراءُ پيش ڪيو ويو، اپوزيشن ليڊر حليم عادل شيخ ٺهراءُ پيش ڪيو

اجلاس ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ فردوس شميم نقوي پاران پنهنجي قميص لاهڻ جي ڪوشش تي حڪومتي عورت ميمبرز سخت احتجاج ڪيو

جنهن وقت فرح گوگي ملڪ کي ڦري رهي هئي ان وقت فردوس شميم پنهنجي ٽوپي ۽ شيرواني لاهي ها، سنڌ جو عوام پ پ سان گڏ آهي: امداد پتافي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي تڪراري ڊجيٽل آدمشماري خلاف ٺهراءُ منظور ڪري ورتو آهي صوبائي وزير جام خان شورو ٺهراءُ پيش ڪندي چيو ته سنڌ جي ماڻهن کي هن آدمشماري تي خدشا آهن سنڌ ۾ ٻوڏ سبب هڪ ڪروڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ وڏيڪ سوين رپيا لاٿ ٿي وئي

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ وڏيڪ سوين رپيا لاٿ ٿي وئي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب ملڪ ۾ في تولي سون جي قيمت 2 هزار رپيا گهٽ ٿي آهي، جنهن ڪانپوءِ في تولو سون هڪ لک 98 هزار رپين جو ٿي ويو آهي. اهڙي ريت 10 گرام سون 1715 رپيا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ لک 69 هزار 753 رپين جو ٿي ويو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اسلام آباد: وفاقي وزير ساجد حسين اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

پاڪستان جي يونيورسٽين ۾ صرف ڊگريون وٺڻ جي ڊوڙ آهي: تعليمي ماهر

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ جي تعليمي ماهرن چيو آهي ته يونيورسٽين ۾ معاشري کي تبديل ڪرڻ جي سوچ واري تعليم هجڻ گهرجي. هتي يونيورسٽين ۾ ڊگريون ڏيڻ جي ڊوڙ آهي. هنن اهڙو اظهار سنڌ جا تعليمي ادارا ۽ شاگرد واري سيشن ۾ ڳالهائيندي ڪيو. وائيس چانسلر امجد سراج ميمڻ چيو ته پاڪستان جي يونيورسٽين ۾ صرف ڊگريون وٺڻ جي ڊوڙ آهي. تعليم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ ٿيل اي سي سي جي اجلاس جو ڏيک

اطلاعات کاتي سيڪريٽري پاران سي پي اين اي آفيس جو دورو

نديم ميمڻ سي پي اين اي عهديدارن ۽ اخبارن جي ايڊيٽرن سان ملاقات ڪئي

مسئلن کي وقت تي ۽ توهان جي اطمينان جي مطابق حل ڪيو ويندو: نديم الرحمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي اطلاعات کاتي جي سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپرز ايڊيٽرز (سي- پي- اين- اي) جي آفيس جو دورو ڪيو ۽ سي پي اين اي جي عهديدارن ۽ ميمبرن سان ملاقات ڪئي. ان موقعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

CPNE
MEET THE EDITORS
RS
ڪراچي: سنڌ جي اطلاعات کاتي وارو سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ جو سي پي اين اي جي عهديدارن ۽ ميمبرن سان ملاقات بعد ورتل گروپ فوٽو

ميرپورخاص ۾ هڪ ڏينهن اڳ شادي ڪندڙ گهوٽ جو سندس ڪمري مان گولين لڳل لاش هٿ

ڳوٺ امام بخش لغاري ۾ هڪ ڏينهن اڳ شادي ڪندڙ گهوٽ جو سندس ڪمري مان گولين لڳل لاش هٿ آيو

ڪوڪر برادري سان تعلق رکندڙ 20 سالا گهوٽ صابر علي ڪوڪر 18 سالا ناري سائره ڪوڪر سان هڪ ڏينهن اڳ ڏڪڙي ۾ پيار جو پرڻو ڪيو هو

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص تعلقي ٿاڻي جي حد ڳوٺ امام بخش لغاري ۾ هڪ ڏينهن اڳ شادي ڪندڙ گهوٽ جو سندس ڪمري مان گولين لڳل لاش هٿ آيو آهي. ڪوڪر برادري سان تعلق رکندڙ 20 سالا گهوٽ صابر علي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

آءِ ايم ايف پاڪستان جي قدمن تي اطمينان جو اظهار ڪري ڇڏيو، معاهدو جلد ٿيڻ جو امڪان

پاڪستان آءِ ايم ايف جي ڏنل سمورن حلن تي اڳڀرائي ڪئي آهي. آءِ ايم ايف کي 4 پيرا ايم آءِ ايف پي جي حدفن تي مطمئن ڪيو ويو: ذريعا

اسٽاف ليول معاهدي کان اڳ اڳواٽ حدف به حاصل ڪيا ويا، چين پاران ڏنل قرض جي رول اوور ٿيڻ تي ناڻي جا ذخيرا بهتر ٿي ويا آهن

اسلام آباد: (م ڊ) عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) پاڪستان جي قدمن تي اطمينان جو اظهار ڪندي اسٽاف ليول معاهدي جي لاءِ گرين سگنل جو اشارو ڏئي ڇڏيو ذريعن موجب پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف وچ ۾ ورچوئل ڳالهين ۾ اهم اڳڀرائي ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

گيانچند ايسراڻي پاران هولي جي موقعي تي هندو برادري کي وڌايون

بهار جي موسم جي هولي تهوار جي ذريعي آجيان ڪئي ويندي آهي، گيانچند ايسراڻي

سنڌ حڪومت هندو ملازمن لاءِ 6 ۽ 7 مارچ تي موڪل جو اعلان ڪيو آهي: صوبائي وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اقليتن جي معاملن واري وزير گيانچند ايسراڻي هولي جي موقعي تي هندو برادري کي وڌايون ڏيندي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته هولي جو تهوار امن، محبت، رنگ ۽ خوشين پکيڙڻ جو تهوار آهي. هوليءَ جو تهوار / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: اقليتن جي معاملن واري وزير گيانچند ايسراڻي هندو ناري کي هولي جو تحفو ڏئي رهيو آهي

اسان کي تباهه ٿيل معيشت ورثي ۾ ملي آهي: فيصل ڪريم ڪنڊي

اسان ملڪ کي ٻيهر پيرن تي آڻڻ جي ذميواري کنئي آهي، اسان اهو ڪرڻ لاءِ پرعزم آهيون

بي آءِ ايس پي تحت سڄي ملڪ ۾ 8.9 ملين ماڻهن کي رليف فراهم ڪيو پيو وڃي

گلگت بلتستان ۽ آزاد جمون ڪشمير سميت سڄي ملڪ جي سمورن ضلعن ۾ سروي جي شروعات ڪئي وئي آهي

اسلام آباد (م ڊ) غربت جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ بابت وزيراعظم جي خاص مددگار فيصل ڪريم ڪنڊي پي ٽي آءِ حڪومت کي ملڪ جي معاشي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

آغا سراج دراني آمدني کان وڌيڪ اثاثن واري ريفرنس ۾ احتساب عدالت آڏو پيش

آغا سراج دراني نظر بند!، ڊجيٽل آدمشماري تي خدشا آهن: آغا سراج دراني

بلاول ڀٽو زرداري به آدمشماري بابت خدشن جو اظهار ڪيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر آغا سراج دراني چيو آهي ته ڊجيٽل آدمشماري تي اسان کي به اعتراض آهن. گذريل ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

شرجيل انعام ميمڻ پاران بلوچستان ڪانسٽيبلري جي گاڏي تي حملي جي مذمت

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ بلوچستان ڪانسٽيبلري جي گاڏي ڀرسان ڌماڪي جي مذمت ڪندي , ڌماڪي ۾ بلوچستان ڪانسٽيبلري جي اهلڪارن جي شهادت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

جيئرو آهيان، موت جون خبرون سياسي مخالفن جي سازش آهي: قائم علي شاهه

ڪنهن جي باري ۾ اهڙيون خبرون هلائڻ انتهائي غلط عمل آهي جنهن جي مذمت ڪيان ٿو

ڪنهن جي باري ۾ اهڙيون خبرون هلائڻ انتهائي غلط عمل آهي جنهن جي مذمت ڪيان ٿو

ڪجهه سياسي ماڻهن اها حرڪت ڪئي آهي، بلاول جي تقريب ۾ به شرڪت به ڪئي آهي: اڳوڻو وڏو وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير قائم علي شاهه پنهنجي موت بابت سوشل ميڊيا تي هلندڙ خبرن کي رد ڪندي چيو آهي ته مان جيئرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سنڌ هاءِ ڪورٽ عورت مارچ تي پابندي جي استدعا رد ڪري ڇڏي، درخواستگذار تي ڏنڊ لاڳو

عدالت سگهوري عورت مارچ تي پابندي لڳائڻ جي درخواست شروعاتي دليل ٻڌڻ کان پوءِ رد ڪيو

درخواستگذار ڏنڊ جي رقم ادا نه ڪري ته سندس سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ ڪيو وڃي: عدالتي حڪم

ڪراچي (م ڊ) سنڌ هاءِ ڪورٽ عورت مارچ تي پابندي لڳائڻ جي استدعا کي رد ڪندي درخواستگذار تي ڏنڊ لاڳو ڪري ڇڏيو عدالت سگهوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

شرجيل انعام ميمڻ پاران سينيئر صحافي حنيف مانجوٺي جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اطلاعات واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سينيئر صحافي ۽ ڪراچي پريس ڪلب جي ميمبر حنيف مانجوٺي جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. سنڌ جي اطلاعات واري وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

وارهه ايجوڪيشن لوئر اسٽاف طرفان جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو

زاهد چولياڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي تعلقه پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو

سنڌ ۾ لوئر اسٽاف ملازمن کي هن وقت تائين اپگريڊ ناهي ڪيو ويو: مظاهرين جون دانهون

لوئر اسٽاف ملازمن کي پڙ ڏنو وڃي، لوئر اسٽاف ملازمن کي بايو ميٽرڪ کان آجو ڪيو وڃي

وارهه (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) وارهه ايجوڪيشن لوئر اسٽاف طرفان جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ تعلقي صدر امتياز علي سوڍر، منثار گاڏهي، زاهد چولياڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي تعلقه پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

وارهه :ايجوڪيشن لوئر اسٽاف طرفان جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڏڙو لڳ نوجوان ڳچي ۾ ڦاهو ٻڌي آپگهات ڪري ڇڏيو، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ علو سومرو ۾ 30 ورهين جي نوجوان زين العابدين سومرو آپگهات ڪري ڇڏيو

ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو، نوجوان جو ذهني توازن صحيح نه هو

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو لڳ نوجوان ڳچي ۾ ڦاهو ٻڌي آپگهات ڪري ڇڏيو گهر ۾ ڪهرام متل. لاٺپور شهر پرسان ڳوٺ علو سومرو ۾ 30 ورهين جي نوجوان زين العابدين سومرو آپگهات ڪري ڇڏيو، نوجوان گهر اندر ڦاهو کائي آپگهات ڪيو . وارثن لاش کي ڏڙو جي سرڪاري اسپتال پهچايو، جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ان ڏس ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهرو فيروز ۾ صحافي ايم ظفر تگڙ ۽ ٻين تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

پنجين ڏينهن به نيشنل پريس ڪلب نوشهرو فيروز اڳيان صحافين ۽ شهرين پاران بک هڙتال

عتيق الرحمان وسطڙو عادل عباسي -سليم ميمڻ، اسد عمراڻي غلامرسول قل ۽ ٻين پاران شرڪت

قربان ڪلوڙ ڪڙڪي پيو ڏنداهٽي سنڌو نواز گانگهرو ۽ حمزعلي چانڊيو کي رتو رت ڪري ڇڏيو: اڳواڻ

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) عوامي آواز جي ڊسٽرڪٽ رپورٽر ايم ظفر تگڙ سنڌو نواز گانگهرو حمزه علي چانڊيو خلاف ڪرڙي ايف آءِ آر داخل ٿيڻ خلاف اڄ پنجين ڏينهن به نيشنل پريس ڪلب نوشهرو فيروز اڳيان صحافين ۽ شهرين پاران بک هڙتالي ڪيمپ لڳائي احتجاج احتجاج ماجد تگڙ عتيق الرحمان وسطڙو عادل عباسي سليم ميمڻ اسد عمراڻي غلام/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهرو فيروز ۾ صحافي ايم ظفر تگڙ ۽ ٻين تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن آفر آرڊرن ملڻ ٽرڊ فيس نه هلائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڊي اي او آفيس نوشهرو فيروز آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ۽ سخت نعريبازي ڪئي وئي

عرفان چوهاڻ ; عبد اللا ڪوسو; عاشق راهوجو ; سليم ڏيپر; ارشد لغاري ۽ ٻين پاران مظاهري ۾ شرڪت

عدالتن جي حڪم نامي جي انحرافي ڪري اسان کي هن مهل تائين آفر آرڊر ناهن ڏنا ويا: مظاهرين جون دانهون

نوشهرو فيروز (رپورٽ: اسد علي عمراڻي) آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن آفر آرڊرن ملڻ ٽرڊ فيس ن هلائڻ ۽ سيٽون لڪائڻ خلاف ڊي اي او آفيس نوشهرو فيروز آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ۽ سخت نعريبازي ڪئي0جنهن جي اڳواڻي سيد وسيم شاھ : امتياز سولنگي فرحان مگريو; عرفان چوهاڻ ; عبد اللا ڪوسو; عاشق راهوجو ; سليم ڏيپر: ارشد لغاري ۽ ٻيا ڪري رهيا هيا احتجاج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڊجيٽل آدمشماري سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي رٿ ۽ پلاننگ آهي: نواز شاهه پاڌائي

آدمشماري هڪ فراڊ ۽ دوکو آهي سنڌي ماڻهن جي پيرن هيٺان ڌرتي ڪسڻ جي لاءِ ڪيو پيو وڃي

سنڌي ماڻهن جي آبادي سنڌ ۾ ٿورائي ۾ ڏيکاري مستقل سنڌ جي مٿان قبضو ڪري سگهجي

پ پ جا مفاد ٻيڻل آهن ڇو ته پ پ سنڌ جي معاملن لاءِ ڪڏهن به سنجيدگي سان اسٽينڊ نه ورتو آهي

نٿون ڪوٽ (رپورٽر) ڊجيٽل آدمشماري سنڌي ماڻهن کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي هڪ وڏي رٿ ۽ پلاننگ آهي اهڙو اظهار جسم اڳواڻ نواز شاهه پاڌائي نٿون ڪوٽ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو هن چيو ته جيئي سنڌ محاذ پهرين ڏينهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نٿون ڪوٽ: جسم اڳواڻ نواز شاهه پاڌائي صحافين سان ڳالهائيندي

سجاول جي ڳوٺ الهڏنو خان
پارهيڙي جي رهواسي پاران باٿر
خلاف احتجاجي مظاهرو

ٺٽو (رپورٽر) تعلقي سجاول جي ڳوٺ الهڏنو خان پارهيڙي جي رهواسي حاجي انور پارهيڙي مڪلي تي صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته هن عمران علي خواجه ولد خادم علي خواجه کان خريد ڪيل سروي زمين سروي نمبر 100، 181، 182، 237، 238، 241، 242، 243، 264، 265، 266 ۽ 284 جعلي ايراضي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٺٽي ۾ غير سرڪاري تنظيم تعمير خلق فائونڊيشن پاران جيمخانا ۾ تقريب، ساڃاهه وندن جي شرڪت

شهر جي شهرين. سول سوسائٽي ۽ صحافي برادري کي هلنڊڙ پروجيڪٽ بابت تفصيلي بريفنگ ڏيڻ هو

خدمت خلق فائونڊيشن پاران ٺٽي ضلعي جي ڇئني تعلقن ۾ 70 سينٽر قائم ڪيا ويا آهن: سماجي اڳواڻ

ساجد نديم ضلعي ڪوآرڊينيٽر ميڊم نگهت سلطانه پاران آيل مهمانن کي سنڌي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا

ٺٽو (رپورٽ: جاويد ميمڻ) ضلعي ٺٽي ۾ هڪ غير سرڪاري تنظيم تعمير خلق فائونڊيشن ٺٽو پاران مڪلي جيمخانا ۾ هڪ تقريب ڪرائي وئي جنهن جو مقصد ٺٽي جي شهرين ـ سول سوسائٽي ۽ صحافي برادري کي هلنڊڙ پروجيڪٽ بابت تفصيلي بريفنگ ڏيڻ هو ان موقعي تي تعمير خلق فائونڊيشن ٺٽي جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ميڊم نگهت سلطانه بريفنگ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڊي سي دادو جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر پاران ضروري شين جي اگهن جو جائزو

شاهنواز ميراڻي پاڃين، ميون، اٽي، گوشت، ڪڪڙ ۽ ٻين ضروري شين جي اگهن جو جائزو ورتو

ڊڪاندارن تي قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن کي 2500 سو روپيه ڏنڊ وڌو ۽ سخت وارننگ پڻ ڏني وئي

مزدورن جي زندگي اجڙي وئي آهي، عوام کي ڌوڪو ڏيندڙ ڪنهن کي به نه بخشيو ويندو: ڊاڪٽر شاهنواز ميراڻي

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) اسسٽنٽ ڪمشنر دادو ڊاڪٽر شاهنواز ميراڻي دادو شهر جي سبزي منڊي جو دورو ڪيو ان موقعي تي پاڃين، ميون، اٽي، گوشت، مرغي ڪڪڙ جو گوشت ۽ ٻين ضروري شين جي اگهن جو جائزو ورتو ۽ ڊڪاندارن کان وڌيڪ اگهه وصول ڪندڙ ڊڪاندارن تي قانون موجب 2500 سوروپيه ڏنڊ وڌو ۽ سخت وارننگ پڻ ڏني وئي ٻئي طرف اسسٽنٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دادو: ڊي سي جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر پاران ضروري شين جي اگهن جو جائزو ورتو

ڪنڊيارو ۾ مردم ۽ آدمشماري ڪندڙ ٽيم جو ٽرانسپورٽ جي سهولت فراهم نه ڪرڻ خلاف احتجاج

اي سي آفيس آڏو احتجاج، فنڊن باوجود ٽرانسپورٽ نه پئي ڏني وڃي، سهولت نه ملڻ تي بائيڪاٽ جو چتاءُ

آدمشماري ڪندڙ ٽيم عبدالوحيد سهتو عمار جوکيو اسرار عباسي محمد حسن عبدالرزاق ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

نوٽيس وٺي اسان کي قومي فرض پورو ڪرڻ لاءِ ٽرانسپورٽ جي سهولت ڏني وڃي ٻي صورت ۾ بائيڪاٽ ڪيو ويندو

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو تعلقي ۾ مردم شماري ۽ آدمشماري ڪندڙ ٽيم جو ٽرانسپورٽ جي سهولت فراهم نه ڪرڻ خلاف اي سي آفيس آڏو احتجاج، فنڊن باوجود ٽرانسپورٽ نه پئي ڏني وڃي، ٽرانسپورٽ سهولت نه ملڻ تي بائيڪاٽ جو چتاءُ خبر موجب تعلقي ڪنڊيارو ۾ مردم ۽ آدمشماري ڪندڙ ٽيم جو ٽرانسپورٽ جي سهولت نه ملڻ خلاف اي سي آفيس اڳيان احتجاجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

درگاهه الله آباد جو فقير ۽ مڊل اسڪول جو استاد غلام عمر شاهه لاڏاڻو ڪري ويو

مڊل اسڪول ڊوڊا جو عربي ٽيچر ۽ صحافي سڪندر علي شاهه جو والد لاڏاڻو ڪري ويو

غلام عمر شاهه جي جنازي نماز درگاهه الله آباد شريف ڪنڊيارو ۾ ادا ڪئي وئي، تعزيت هلنڊڙ

ڪنڊيارو (رپورٽر) درگاهه الله آباد جو فقير ۽ مڊل اسڪول جو استاد سيد غلام عمر شاهه لاڏاڻو ڪري ويو خبر موجب درگاهه الله آباد شريف جو فقير نيڪ مرد ۽ گورنمينٽ مڊل اسڪول ڊوڊا جو عربي ٽيچر ۽ صحافي سيد سڪندر علي شاهه جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

تعلقه پريس ڪلب جي نئين چونڊجي آيل باڊي کي مبارڪن جو سلسلو جاري

لعلورائنڪ جي جاکوڙي ورڪر شمن علي تنيو ۽ امير علي ميرجت پاران مبارڪون

سينيئر نائب صدر فقير بشير لطيفي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سميع الله ٻگهيو شريڪ ٿيا

وارهه (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) تعلقه پريس ڪلب جي نئين چونڊجي آيل باڊي کي مبارڪن جو سلسلو جاري پاڪستان پيپلز پارٽي لعلورائنڪ جي جاکوڙي ورڪر شمن علي تنيو ۽ امير علي ميرجت، طرفان تعلقه پريس ڪلب وارهه جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

وارهه : تعلقه پريس ڪلب جي نئين چونڊجي آيل باڊي کي مبارڪون ڏنيون پيون وڃن

نوابشاهه ۾ جام صاحب روڊ جي الله بخش ٽائون جي رهواسي پاران احتجاجي مظاهرو

الله بخش ٽائون جي رهواسي پيرسن محمد ارشد آرائين معصوم پوٽي سان گڏ احتجاج ڪيو

نوجوان پٽ ٻن پٽن جو پيءُ محمد ارشد آرائين سامان وٺڻ لاءِ دڪان تي ويو ته واپس نه آيو آهي: والد

نوابشاهه (رپورٽر) بي سيڪشن ٿاڻي جي حد جام صاحب روڊ جي الله بخش ٽائون جي رهواسي پيرسن محمد ارشد آرائين پنهنجي معصوم پوٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوابشاهه جي چانڊيا ڪالوني جو رهواسي 11 ورهين جو نينگر گم ٿي ويو

سڪندر پٽ غلام مصطفيٰ چانڊيو سانگهڙ ۾ تبليغي اجتماع ۾ ويو هيو

گم ٿيل نينگر جي والد غلام مصطفيٰ چانڊيو ۽ ڀاءُ علي حيدر چانڊيو احتجاج ڪيو

نوابشاهه (رپورٽر) نوابشاهه جي چانڊيا ڪالوني جو رهواسي 11 ورهين جو نينگر سڪندر پٽ غلام مصطفيٰ چانڊيو سانگهڙ ۾ تبليغي اجتماع ۾ شرڪت لاءِ وڃڻ بعد گم ٿي ويو آهي، نينگر سڪندر چانڊيو 20 ڏينهن اڳ نواب شاهه مان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

گورنمينٽ ڊسپينسري سڏوجا ۾ نهرايل هڪ ڪمري جي افتتاحي تقريب

ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر نوشهرو فيروز ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙو ربن ڪاٽي دعا گهري

وجيهه الدين ميمڻ، پروفيشنل پيراميڊيڪل سنڌ جي فنانس سيڪريٽري محمد يونس وسڻ شريڪ

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) گورنمينٽ ڊسپينسري سڏوجا ۾ W.H.O جي تعاون سان نهرايل هڪ ڪمري جي افتتاحي تقريب ٿي گذري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهرو فيروز : گورنمينٽ ڊسپينسري سڏوجا ۾ نهرايل هڪ ڪمري جي افتتاحي تقريب ٿي گذري

نوابشاهه جي ڳوٺ لاٽيدي جي رهواسي پيرسن پ پ ڪارڪن پاران احتجاجي مظاهرو

پيپلزپارٽي جي پراڻي جيالي جيل جون تڪليفون برداشت ڪندڙ عبدالغني راڄڙ احتجاج ڪيو

مڇرجي گهرن ۾ داخل ٿي مارڪٽ ڪرڻ سميت جان کان مارڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏين ٿا: مظاهرين

نوابشاهه (رپورٽر) نوابشاهه جي ڳوٺ لاٽيدي جي رهواسي پيرسن پيپلزپارٽي جي پراڻي جيالي جيل جون تڪليفون برداشت ڪرڻ سميت آمريت جي دور ۾ ڦٽڪا کائيندڙ عبدالغني راڄڙ نوابشاهه پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي دانهيون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ناروشاهه ۾ آدم شماري عملي جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو

حڪومت ٻري ٻري جي علائقي ۾ موڪلي ٿي پر تيل جا به پيسا نٿا ڏنا وڃن: مظاهرين

آدم شماري لاءِ موڪليو ته وڃي جنهن ۾ ٽرانسپورٽ جو ڪو به بندوبست نه ڪيو ويو آهي

ناروشاهه (رپورٽر) ناروشاهه ۾ آدم شماري عملي جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج حڪومت ٻري ٻري جي علائقي ۾ موڪلي ٿي پر تيل جا به پيسا نٿا ڏنا وڃن ۽ سيڪورٽي به تالي ماٿر ڏني وئي آهي، ناروشاهه پريس ڪلب آڏو آدم شماري عملي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ناروشاهه ۾ آدم شماري عملي جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

نوابشاهه بي سيڪشن ٿاڻي جي حد حبيب شگر مل پرسان رهندڙ عورت پاران احتجاجي مظاهرو

شگر مل پرسان فروا ڪالوني نوابشاهه جي رهواسڻ رزمان سهتو پنهنجي ڀيڻ سان گڏ مظاهرو ڪيو

چار مهينا اڳ گل خان مري ولد آزاد خان مري سان شادي ٿي تشدد ڪري ڪڍي ڇڏيو آهي: رزمان سهتو

نوابشاهه (رپورٽر) بي سيڪشن ٿاڻي جي حد حبيب شگر مل پرسان فروا ڪالوني نوابشاهه جي رهواسڻ رزمان سهتو پنهنجي ڀيڻ عظمه سهتو سان گڏ نوابشاهه پريس ڪلب پهچي دانهيندي چيو ته منهنجي چار مهينا اڳ گل خان مري ولد آزاد خان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ايس يو پي جو سنڌ مارچ قافلو مٽياري پهتو، حسن شاهه جاموٽ پاران آجياڻو فراهم

ڊجيٽل آدمشماري خلاف ايس يو پي جو نڪتل سنڌ مارچ قافلو روشن ٻرڙو جي اڳواڻي ۾ پهتو

ڪنبرواسٽاپ کان نڪري قومي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مٽياري پهتو ,سيد سڪندر علي شاهه استقبال ڪيو

مٽياري (رپورٽر) ايس يو پي پاران مهانگائي بدامني ڊجيٽل آدمشماري ڌاري آبادڪاري ۽ سنڌجي ٻرندڙ مسئلن خلاف 20ڏينهن اڳ سکرکان نڪتل ٻياڏل سنڌمارچ مٽياري پهچي ويو وڪ وڪ تي شاندار استقبال برموجب ايس يو پي جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

گمبٽ انتظاميا جي بي ڌياني سبب ڳڙ منڊي جي واپارين پاران معاهدي جي خلاف ورزي

ضلعي جي مختلف شهرن ڏانهن رات جي پيٽ ۾ اماڻي ڪيترن ئي شهرين جون زندگيون داءَ تي لڳل

گمبٽ انتظاميا زهريلي بدبودار مٺائي ضبط ڪرڻ جي بجاءِ انهن کي ضايع ڪرڻ جو جتي جان آجي ڪرائي

گمبٽ (رپورٽ: عبدالحي شيخ) گمبٽ انتظاميا جي بي ڌياني سبب ڳڙ منڊي جي واپارين جي ڪيل واعدي خلاف ورزي ڪندي انهن جي اکين ۾ مرچ وجهي ڇڏيا زهريلي مٺائي ضلعي جي مختلف شهرن ڏانهن رات جي پيٽ ۾ اماڻي ڪيترن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

عادلپور ويجهو ڳوٺ وڏڻ مهر ۾ محبتن جا ميلا، ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ پڄاڻي تي پهتو

اختتامي تقريب ميزبانن طرفان آيل مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا

صادق مهر راهي جميل منشي وسند مهر حزب الله مهر صحافين اسلم مهر بشير رضا مهر شريڪ ٿيا

ٽورنامينٽ جي فائنل ميچ جي خاص مهمانن پاران ونر ٽيم ۽ رنر ٽيم کي ٽرافي ۽ ڪيش انعام پڻ ڏنا ويا

عادلپور (رپورٽ: اسلم مهر) عادلپور ويجهو ڳوٺ وڏڻ مهر ۾ محبتن جا ميلا ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ پنهنجي پڄاڻي تي پهتو ميزبانن طرفان آيل مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا فائنل ميچ ۾ جاکوڙي سٽ جي اڳواڻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

عادلپور: ڳوٺ وڏڻ مهر ۾ محبتن جا ميلا لڳايا ويا ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ پڄاڻي تي پهتو

ناپر ڪوٽ جي حد ۾ ڊيوٽي دوران پوليس اهلڪار دل جي دوري سبب فوت

پوليس اهلڪار غلام شبير ولد غلام مصطفيٰ معرفاڻي جي جنازي نماز ادا ڪئي وئي

هيڊ آف برانچز ۽ آفيسن جي اسٽاف سميت پوليس لائين آفيسرن ۽ جوانن شرڪت ڪئي

شڪارپور (رپورٽ: سومرو) ناپر ڪوٽ جي حد ۾ ڊيوٽي دوران پوليس اهلڪار دل جي دوري سبب فوت. ايس ايس پي شڪارپور سميت اهم آفيسرن ۽ جوانن جي وڏي انگ ۾ جنازي نماز ۾ شرڪت گذريل رات ناپر ڪوٽ ٿاڻي جي حد چاچڙ پل تي پنهنجي فرضن جي ادائگي دوران دل جي دوري سبب دم ڏني حوالي ڪندڙ پوليس اهلڪار غلام شبير ولد غلام مصطفٰ معرفاڻي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سجاول ۾ سيد اعجاز علي شاهه شيرازي جي نالي سان پبلڪ پارڪ جو افتتاح، ساڃاهه وندن جي شرڪت

افتتاحي تقريب ۾ سيد اياز علي شاهه شيرازي ۽ شاهه حسين شاهه شيرازي کي سنڌ جي ثقافت پٽڪو ٻڌرايو ويو

اياز علي شاهه شيرزاي سجاول شهر واسين لاءِ پر سڪون ماحول ۽ بهترين تفريح فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون

سيد تنوير شاهه شيرازي، پ پ پ اڳواڻ سيد حاجي پاشا شاهه شيرازي، پ پ پ ضلعي نائب صدر ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

سجاول (رپورٽ: ممتاز علي نهڙيو) سجاول ۾ الحاج مرحوم سيد اعجاز علي شاهه شيرازي جي نالي سان پبلڪ پارڪ جو افتتاح. هڪ شاندار رنگارنگي پروگرام منعقد ڪيو ويو. پ پ پ ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي پاران سجاول شهر واسين لاءِ پر سڪون ماحول ۽ بهترين تفريح فراهم ڪرڻ لاءِ الحاج مرحوم سيد اعجاز علي شاهه شيرازي جي نالي سان منسوب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سجاول : سيد اعجاز علي شاهه شيرازي جي نالي سان پبلڪ پارڪ جو افتتاح ڪيو ويو

چائنيز ڪمپني ۽ سنڌ سالڊ
ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ روهڙي
۾ ڪم سنڀالي ورتو

روهڙي (رپورٽر) ڪراچي، حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻي کان پوءِ چائنيز ڪمپني ۽ سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ روهڙي ۾ صفائي جو ڪم سنڀالي ورتو. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سکر شهزاد طاهر ٿهيم، مڪاني ادارن واري وزير سنڌ جي فوڪل پرسن عرفان داٺود پوٽو، ڊائريڪٽر سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ تقريب ۾ ويسٽ مئنيجمينٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ملڪاڻي مان پرڻي بعد عورت جي فوت ٿيڻ بعد ڳجهي تدفين، صلاحڪار نوٽيس ورتو

ناري سنگيتا ڪولهڻ مبينا طور تي باهه ۾ سڙڻ بعد فوت ٿيڻ ڪانپوءِ مائٽن تدفين ڪري ڇڏي

سنگيتا ڪولهڻ جو پريمي ميول ميگهواڙ به منظر عام تان گم ٿي ويو، سريندر ولاسائي نوٽيس ورتو

ايس ايس پي ڏيئي ٿاڻي جي ايس ايڇ او محمد خان ڪلوئي ۽ ٿاڻي جي وڏي منشي کي معطل ڪري ڇڏيو

ٽنڊوباگو (رپورٽ: سهيل سمون) ملڪاڻي شهر مان پيار جو پرڻو ڪرڻ لاءِ نڪتل شادي شده عورت سنگيتا ڪولهڻ مبينا طور تي باهه ۾ سڙڻ بعد فوت ٿيڻ ڪانپوءِ مائٽن سنگيتا ڪولهڻ جي مڙه کي حيدرآباد مان ملڪاڻي آڻي دفنائي ڇڏيو جڏهن ته سنگيتا ڪولهڻ جو پريمي ميول ميگهواڙ به منظر عام تان گم ٿي ويو آهي. وزير اعلي جي انساني حقن بابت معاون خاص سريندر ولاسائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٻيڊا آشرم جي مرمت ۽ بحاليءَ جي لاءِ شڪارپور سينيئر سٽيزنس ويلفيئر پاران اجلاس

سينيئر سٽيزنس ويلفيئر ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري رحمت الله سومرو صدارت ڪئي

قومي ملڪيت واري عمارت جو سامان در دروازا ۽ قيمتي لوهه وغيره بگ چورائجي ويا آهن: رحمت الله سومرو

گڏيل حڪمت عملي سان ئي ٻيڊا آشرم جي بحالي ممڪن ٿي سگهي ٿي ۽ اميد ڪريون ٿا ته حوالگي ٿيندي

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) ٻيڊا آشرم جي مرمت ۽ بحاليءَ جي لاءِ شڪارپور سينيئر سٽيزنس ويلفيئر ايسوسيئيشن رجسٽرڊ جي مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جو هنگامي اجلاس ٿي گذريو خبر موجب: شڪارپور سينيئر سٽيزنس ويلفيئر ايسوسيئيشن (رجسٽرڊ) پاران قومي ورثو

شڪارپور: ٻيڊا آشرم جي مرمت ۽ بحاليءَ جي لاءِ شڪارپور سينيئر سٽيزنس ويلفيئر پاران اجلاس جو ڏيک

سنڌ صوفين ۽ درويشن جي سرزمين
آهي، جن هميشه امن جو درس ڏنو
آهي: رياض حسين شاهه

ٺٽو (رپورٽر) وزير اعليٰ سنڌ جي بين الصوبائي معاملن واري ڪاتي بابت خاص مددگار ايم پي اي سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو آهي ته سنڌ صوفين ۽ درويشن جي سرزمين آهي، جن هميشه امن، محبت ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو آهي، ان لاءِ اسان جو فرض آهي ته بزرگن جي ڏنل تعليم تي عمل ڪريون. اهڙن خيالن جو اظهار هن چيف/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڏوڪري پوليس جو ڏوهارين سان مقابلو، ڏوهاري پسٽل سميت زخمي حالت ۾ گرفتار

گرفتار ڪيل ڏوهاري جي سڃاڻپ مسعود عرف مقصود پٽ رضا محمد گاڏهي طور ٿي آهي

ڳيريلو، نصير آباد ۽ ٻين ڪيترن ئي ٿاڻن تي انتهائي سنگين قسم جا ڪيس داخل ٿيل آهن

ڳجهو اطلاع مليو ته ڏوهاري ڏڙ جي ارادي سان وهٽي روڊ تي قبرستان پرسان بيٺل آهن: پوليس

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري پوليس جو ڏوهارين سان مقابلو هڪ ڏوهاري پسٽل سميت زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيل ڏوهاري جي سڃاڻپ مسعود عرف مقصود پٽ رضا محمد گاڏهي طور ٿي آهي، جنهن تي قمبر شهدادڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي ٿاڻن جنهن ۾ ڏوڪري، باڊهه، ڳيريلو نصير آباد ۽ ٻين ڪيترن ئي ٿاڻن تي انتهائي سنگين قسم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

دادو شهر جي گلشن سليمان واري علائقي جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

فحاشي جو ڪاروبار ڪرڻ کان روڪڻ تي جسم فروشي جي ۾ ملوث جوابدارن پاران فائرنگ

پاڙي ۾ اسلام خاتون سولنگي، ٻبلو، سعيد، حسن ٻين ماحول خراب ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

فحاشي جا اڏو بند ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان شريف ماڻهن کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي

دادو (ن سنڌيار) دادو شهر جي گلشن سليمان ڪالوني جي رهواسين علائقي ۾ فحاشي جو ڪڏو ڪاروبار ڪندڙ ماڻهن خلاف دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻڻ بعد دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي عبدالنبي نائچ، برڪت پنهور، محبوب علي جمالي، نظير منگي، محرم سولنگي، ميهر چانڊيو، علي مرتضيٰ بروهي، نديم جمالي، محبوب قمبراڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دادو: گلشن سليمان واري علائقي جا رهواسي پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪنڌڪوٽ جي ڳوٺ آچار
سولنگي ۾ نظير احمد سولنگي
اتساهه جو سبب بڻيل

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) ذڪر آهي هڪ اهڙي محنتي شخص جو جنهن زندگي ۾ مشڪلاتن سان مهاڏو اٽڪائي منزلون ماڻيون جنهن دردن جي ديس ۾ رهي سڪرايو ۽ ڪڏهن به مايوس نه ٿيو ڊڳڙي شهر کان ڪجهه ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي قائم ڳوٺ آچار سولنگي" سان تعلق رکندڙ نظير احمد سولنگي جنهن کي خبر بي نه هئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪنڌڪوٽ ضلعو ڪشمور ڌاڙيلن جو ڳڙهه بڻجي ويو، 2 ڄڻن جي بازيابي لاءِ احتجاج

بي سيڪشن ٿاڻي جي حد مان 12 ڏينهن اڳ اغوا ٿيل جاويد گولو ۽ برڪت مريٽو بازياب نه ٿيو

برڪت مريٽو جي وارثن سياسي اڳواڻن اڪرم باجڪاڻي ، دلمراد ڏاهاڻي، بشير حيدري ۽ ٻين مظاهرو ڪيو

برڪت مريٽو ۽ جاويد گولو سميت سمورن مغوين کي جلد کان جلد بازياب ڪرايو وڃي: مظاهرين جون دانهون

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) ڪنڌڪوٽ ضلعو ڪشمور ڌاڙيلن جو ڳڙهه بڻجي ريو آهي. بي سيڪشن ٿاڻي جي حد مان 12 ڏينهن اڳ جاويد گولو ۽ برڪت مريٽو اغوا ٿي ويا هئا ان جي بازيابي لاءِ وارثن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن گهنٽا گهر چوڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي . وڌيڪ اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪنڌڪوٽ ضلعو ڪشمور ڌاڙيلن جو ڳڙهه بڻجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 07مارچ 2023ع

ملڪ ڪنهن "فائول پلي" جو متحمل نٿو ٿي سگهي

هڪ طرف اڳوڻو وزيراعظم عمران خان اهو چوندو رهيو آهي ته هو عدالتن جو احترام ڪري ٿو پر سندس ان بيان جي حقيقت تڏهن سامهون اچي وڃي ٿي، جڏهن هو عدالتن ۾ شنوائين تي پيش نٿو ٿئي يا پيش ٿيڻ کان گوٽنات ڪري ٿو. توشه خانا ڪيس ۾ پڻ اسلام آباد ۾ هجڻ باوجود هو عدالت ۾ پيش نه ٿيو. جڏهن اسلام آباد پوليس سندس گرفتاري وارنٽ کڻي زمان پارڪ لاهور پهتي ته ان جي شديد مزاحمت ڪئي وئي ۽ هي سٽون لکجڻ تائين عدالتي حڪم تي عمل نه ٿي سگهيو. توشه خانه ڪيس ۾ عدالت ۾ پيش نه ٿيڻ تي سندس گرفتاري جا وارنٽ جاري ڪيا ويا ۽ کيس گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. ڪالهه جڏهن پوليس گرفتاري وارنٽ کڻي پهتي ته شديد ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي. ڪارڪنن پوليس جي مزاحمت ڪئي. شديد نعريبازي ڪئي. جيئن ته پوليس کيس گرفتار ته نه ڪري سگهي آهي پر پوليس اتان واپس به نه وئي آهي، جنهن مان لڳي ٿو ته "پلي آس ٿرمان نه ٿوهرن" ۽ رات جو به پوليس جي ڪارروائي واري امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي. ان موقعي تي پوليس جي ابهرائي به هاڃيڪار نتيجا آڻي سگهي ٿي. هڪ پاسي ملڪ معاشي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل آهي، مختلف قسم جا بحران هڪ ٻئي پٺيان قطارون ٺاهي بيٺا اچن. اڃا هڪ بحران ختم نٿو ٿئي ته ٻيو بحران پنهنجي آمد جو اعلان ڪري ٿو. مٿان وري سياسي ڇڪتاڻ مهميزون هڻي سياسي گرمي وڌائي ڇڏي آهي. هڪ طرف عمران خان اهو چوندو رهيو آهي ته کيس عدالتن مان انصاف جي اميد آهي ۽ هو عدالتن جو احترام ڪري ٿو پر ٻئي پاسي جيڪا عملي صورتحال نظر اچي ٿي ان مان ڪنهن به ريت سندس ان دعويٰ جي صداقت جي ثابتي نٿي ملي. صرف اها هڪڙي توشه خانه ڪيس جي شنوائي نه هئي، جنهن ۾ عمران خان پيش نه ٿيو پر ان کان اڳ به هو لڳاتار شنوائين تي نه آيو. عدالت سندس انتظار ڪندي رهي، نيٺ کيس گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ وارنٽ جاري ڪيا ويا. اسان سمجهون ٿا ته جيڪڏهن عمران خان تاريخن تي عدالتن ۾ پيش ٿئي ها ته اها نوبت ئي نه اچي ها. هونئن به جڏهن عمران خان کي عدالتن مان انصاف جي اميد آهي ته پوءِ هيءُ گوٽنات ڇو آهي؟ عمران خان اهو چوندو رهيو آهي ته کيس ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسايو ويو آهي. جڏهن عدالتن تي کيس اعتماد آهي ته پوءِ گهٻرائڻ جي آخر ڪهڙي ڳالهه آهي؟ هن وقت ملڪ ۾ سياسي ڇڪتاڻ عروج تي آهي ۽ حڪومت طرفان به ابهرائي يا ڪا غيردانشمندانه مهم جوئي هاڃيڪار نتيجا آڻي سگهي ٿي. ان ڪري معاملي کي انتهائي تحمل ۽ تدبر سان نبيرڻو پوندو ۽ ڪنهن به فائول پلي کان پاسو ڪرڻو پوندو. هي ملڪ انا جي اسير سياستدانن جي ڪنهن به مهم جوئي جو متحمل نٿو ٿي سگهي. ڪائنات ۾ هر سوال جو جواب ۽ هر تڪرار جو حل موجود هوندو آهي. سمورا مسئلا معاملا فهمي سان حل ٿي سگهن ٿا پر مخالفت بدران دشمنيءَ کي سياست جو محور بڻائيندڙ سياستدان سنگينيءَ جو ادراڪ ڪرڻ لاءِ تيار ئي ناهن. ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته ڪجهه پرڏيهي بدخواه قوتون ملڪ جي ٽائيٽنڪ کي تارپيڊو ڪرڻ جي لاءِ اتاوليون آهن. مٿان وري اندروني ڇڪتاڻ انهن کي سازگار ماحول فراهم ڪرڻ جي ڏڳ تي وک وڌائي چڪي آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ڪنهن به غيردانشمندانه قدم کڻڻ ۽ طاقت جي استعمال کان پاسو ڪيو وڃي. عمران خان کي به عدالتن جي احترام وارا سڪتا بيان نه پر حقيقي نموني سان عمل ذريعي ان کي ثابت ڪرڻ گهرجي. ڪارڪنن کي ڍال ڪري استعمال ڪرڻ سان به نقصان جا امڪان وڌي وڃن ٿا. حڪومت کي به تحمل ۽ انتظامي تدبر جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي.

سوويت مورخ وي. ايف. آڪئيف جا حر تحريڪ ۽ پير پاڳاري بابت ويچار

يامين جتوئي

تازو ئي سوويت مورخ سنڌ جي جديد تاريخ تي ڪتاب: سنڌ جي جديد تاريخ (1918 کان 1985 تائين) پڙهڻ جو موقعو مليو جنهن جو ترجمو ملوڪ لنڊ نالي هڪ مترجم ڪيو آهي. ڪتاب پڙهڻ وٽان آهن. اڄ ان ڪتاب مان حر تحريڪ بابت ليکڪ جا ڪجهه ويچار پيش ڪجن ٿا:

هاري تحريڪ ۾ حرن 19 اهين صديءَ کان ئي سرگرم حصو ورتو. جن جي اڪثريت اتر اوڀر سنڌ ۾ رهندي هئي. هتي خاص حالتون پيدا ٿي ويون هيون. پير پاڳارو ڇهون جيڪو 1922 ۾ حرن جو روحاني پيشوا بڻيو ۽ ان جي ساٿين سخت برطانيا دشمن موقف اختيار ڪيو جنهن قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ جمهوري ڌارا جي اڳواڻن جي نظرن ۾ سندس وقار کي بلند ڪيو

هارين جي جدوجهد کي چٿڻ جي ارادي سان استعمارين ڇڪتاڻ وارن علائقن ۾ فوج ۽ پوليس جو راڄ قائم ڪري ڇڏيو ۽ جاگيردارن تي انحصار ڪندي ڳجهي پوليس جو نظام رائج ڪيو تحريڪ جي ڪيترن ئي سرگرم ڪارڪنن کي جيلن ۾ بند ڪري ڇڏيو کين اخلاقي ڏوهاري قرار ڏنو ويو. ٽيهين ڏهاڪي جي ٻئي اڌ ۾ (حر) برادريءَ جي اڳواڻن جاسوسن ۽ غدارن کي ڦاسيون ڏيڻ جهڙا جوابي قدم کنيا. حڪمران سنڌو درياهه جي ساڄي ڪناري جي ڪيترن ئي تعلقن ۾ پنهنجو ڪنٽرول وڃائي ويٺا. 1930 ۾ تحريڪ تي وار ڪرڻ جي نيت سان انهن چڙ ڏياريندي پيرپاڳاري تي فوجداري ڏوهه جو الزام هنيو ۽ انن سالن جي قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي.

هاري اڳواڻن تي جبر ۽ تشدد جا نتيجا ان جي ابتڙ نڪتا، جن جي بيٺڪي حڪمرانن کي توقع هئي. پير پاڳاري جي مقبوليت ۾ اضافو جاري رهيو ۽ جيلرن جي چالبازين جي باوجود هو تحريڪ جي رهنمائي ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيو. حرن جا ننڍا ننڍا گروهه اوچتو پوليس ۽ فوج جي جٿن تي حملا ڪندا هئا. سنڌ جي ڪمشنر جي محڪمي کي پريشان رکندا هئا ۽ برطانوي انتظاميا سان سهڪار ڪندڙن کي حراس ۾ رکندا هئا.

حرن جي رهنما جو سياسي قد ايترو قدر عظيم هو جو جڏهن بيٺڪي حڪمران سنڌ کي صوبائي خودمختياري ڏيڻ تي مجبور ٿيا ۽ قانون ساز اسيمبليءَ جي چونڊن جو اعلان ٿيو ته مقامي سياسي رهنمائن پير جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ پرزور ڪوششون ڪيون. چونڊن جي نتيجن جو انحصار گهڻي ڀاڱي ان جي جهجهن حامين جي موقف تي هو اهي بذات خود، خودمختياري ڏيڻ کي اڻپورو قدم سمجهندا هئا ۽ قانون ساز اسيمبلي، جنهن جا اختيار تمام گهٽين پابندين جي ڪري تقريبن نه هجڻ جي برابر هئا، کي سنجيده اهميت ڏيندا هئا. سنڌي آباديءَ جي مختلف پرتن جي دٻاءُ تحت حڪمران نومبر 1936 ۾ حرن جي ناقابل تسخير قائد کي آزاد ڪرڻ تي مجبور ٿيا.

(حر) برادريءَ جي روحاني پيشوائن ۽ فوجي رهنمائن ان خيال تحت ته برطانيا جنگ ۾ ڦاٿل آهي، ڏکڻ ايشيا ۾ ان جي معاشي حالت ڪمزور ٿي چڪي آهي ۽ انڊين نيشنل ڪانگريس جي آڪٽوبر 1940 کان سول نافرماني تحريڪ شروع ڪري رکي آهي، آزاد رياست جي قيام جي مقصد سان هٿياربند بغاوت برپا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو

پر جڏهن برطانوي هند ۾ جاپاني فوج جي داخل ٿيڻ جو خطرو پيدا ٿيو ته بيٺڪي حڪمرانن پير پاڳاري ڇهين جي مقبوليت کي فرقي جي ميمبرن ۾ شهري خود حفاظتي جٿن جي تشڪيل لاءِ استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. (حر) برادريءَ جي سربراهه نه رڳو انگريزن جي تجويز کي منظور ڪيو بلڪ سنڌ فوجي اسڪوارڊن لاءِ جهازن جي تعميراتي فنڊ ۾ ڏهه هزار رپيا به ڏنا. حڪمرانن حرن کي پنهنجي طرفان مالي وسيلا، آتشي اسلحو ۽ گولا بارود فراهم ڪيو پير کي خود حفاظتي جٿن جو ڪمانڊر مقرر ڪيو پر جيئن ئي هو منظر ٿيا ته پير اوچتو استعمارين خلاف جهاد يعني مقدس جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو.

پنهنجن پوئلڳن کي خطاب ڪندي هن چيو: "توهان پنهنجون زندگيون پيش ڪري رهيا آهيو، مون کي ستت ئي انهن جي ضرورت پوندي. برطانوي حڪومت جنگ ۾ مصروف آهي. جدوجهد جو وقت اچي پهتو آهي. ياد اٿئو ته انگريزن طرفان مهاتما گانڌيءَ کي جيل ۾ بند ڪرڻ جي خبر تي ماڻهو ڪيئن اٿي کڙا ٿيا هئا! ياد اٿئو ته اهي ڪيئن هڪ جان ٿي اٿيا ۽ گانڌيءَ جي آزاديءَ جو مطالبو ڪيو؟ مون پاڻ انگريزن هٿان اذيتون سليون آهن. جيڪڏهن ٻيهر ايئن ٿيو ۽ مون کي وري پڪڙيو ويو ته مان اوهان کي آواز ڏيندس. ريل جي گاڏين کي پٽڙين تان ڪيرائي ڇڏجو. مواصلاتي ذريعن ۽ آبپاشيءَ جي تعميرات کي تباهه ڪري ڇڏجو

1941 جي آخر ۾ پير پاڳاري ڇهين کي پڪڙيو ويو ۽ کيس ڪراچيءَ ۾ گهر ۾ نظربند ڪيو ويو پاڻ پير جو ڳوٺ پهچي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پر ستت ئي کيس ڊفينس آف انڊيا ايڪٽ تحت گرفتار ڪيو ويو هن تي فوجداري ڏوهه جي تياري ڪرڻ جو الزام هنيو ويو

پير جي گرفتاري ۽ جلاوطني عام بغاوت جو سبب بڻي. جنهن جي معروضي جاگير دشمن، سامراج دشمن ۽ قومپرستاڻي ڪردار باغين جي صفن ۾ ڪيترن ئي سنڌي هندوئن کي شامل ڪيو سندن مذهبي جذبن جو احترام ڪندي باغين جي رهنمائن ڳئون ذبح ڪرڻ تي پابندي هڻي ڇڏي.

غيرملڪي ۽ ملڪي آقائن خلاف جدوجهد گوريلا جنگ جو ڪردار اختيار ڪري ورتو حر باقائده فوج ۽ پوليس جي آفيسرن ۽ سپاهين، حڪمرانن ۽ جاگيردارن سان سهڪار ڪندڙ سرڪاري ۽ عدالتي ڪارندن کي اغوا يا قتل ڪندا هئا. اڪثر باغين جا فوجي دستا مستحڪم جڳهن، گولا بارود ۽ اناج جي گودامن تي اوچتو حملا ڪندا هئا. ٽيليفون جون لائينون ڪاٽي ڇڏيندا هئا. پٽڙيون اکيڙي ڇڏيندا هئا ۽ ريل گاڏيون تباهه ڪري ڇڏيندا هئا. ڊسمبر 1941 ۾ هنن مواصلات کي تباهه ڪري ڇڏيو جنهن فوجي ۽ شهري انتظاميا کي بدتر ۾ وجهي ڇڏيو ستت ئي باغين سنڌ جي 15 سيڪڙو علائقي تي ڪنٽرول حاصل ڪري ورتو ان جي تقريبن پنجين حصي تي پنهنجي طرز جو ۽ حڪومتي نظام قائم ٿي ويو

گوريلا جنگ پکڙجندي وئي. استعماري سرڪار خلاف حرن جي قدمن ۾ وسعت ايندي وئي. فيبروري 1942 کان انهن جي دستن فوج ۽ پوليس جي قوتن سان ٽڪراءَ ۾ حصو ورتو وڏيون ويڙهون رائيٽ محصار پٽ شاهه جي ريلوي اسٽيشن ۽ ڳوٺ ڪينواريءَ جي ويجهو لڳيون. برطانوي فوج جي آفيسرن ۽ سپاهين جو ماهوار جاني نقصان درجنين ماڻهن تي مشتمل هو

بغاوت جي وسعت برطانوي سرڪار ۾ ڳڻتي پيدا ڪري ڇڏي. کيس خطرو هو ته هندستان جي مختلف علائقن ۾ ڀڙڪي اٿندڙ هنگاما ۽ هڙتالون عمومي سامراج دشمن تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهن ٿا. ان ڳالهه کان ٻجندي ته سنڌ جي عوامي بغاوت جي اثر هيٺ استعمار دشمن تحريڪ عمومي هٿياربند جدوجهد ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي، استعمارين جاني ۽ مالي نقصان جي پرواهه نه ڪندي مختصر عرصي ۾ ان کي چٿڻ جو مقصد سامهون رکيو

1942 جي اونهاري ۾ بغاوت وارن علائقن (50 هزار چورس ڪلوميٽر ايراضي) ۾ مارشل لا لاڳو ڪيو ويو. مرڪزي ڪمان سنڌ ۾ هڪ پيادل برگيڊ ۽ ٻيا فوجي دستا موڪلي ڏنا.

پيرپاڳاري کي حيدرآباد منتقل ڪيو ويو ۽ انگريزن مارشل لا جي قانون ۽ حر تحريڪ کي چيڀاڻ جي قانون جي بنياد تي مقامي جيل ۾ تڪڙ ۾ جوڙيل عدالتي ناٽڪ رچايو پير کي موت جي سزا ٻڌائي وئي. حرن کيس آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون پر ڪامياب نه ٿي سگهيا. ۽ 20 مارچ 1943 تي پيرپاڳاري ڇهين کي ڦاسي ڏني وئي. پير جو ڳوٺ ۾ سندس رهائشگاهه کي ڊاهي مسمار ڪيو ويو اتي محفوظ خزانا لٽيا ويا. لائبريري لٽي ۽ ساڙي وئي، جنهن ۾ انتهائي ناياب قلمي مسودا محفوظ هئا.

پر بغاوت جاري رهي. اها حيدرآباد کان اتر سنڌ جي سمورن علائقن ۾ خيرپور سميت ۽ اهڙي طرح جيسلمير، جوڌپور ۽ بهاولپور جي آس پاس جي علائقن ۾ پکڙجي وئي. پير جي ڦاسيءَ جي سرڪاري اطلاع باوجود حر سندس موت تي يقين ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. واعظين ان يقين کي قائم رکيو ته "اڃا اونداهي ڇانيل آهي پر سج ضرور اڀرندو. هو اسان کان عارضي طور جدا ٿيو آهي."

بغاوت جو جاگيردار دشمن رجحان وڌيڪ چٽو ٿي ويو. جڏهن پير پاڳاري جي گرفتاريءَ کان پوءِ تحريڪ جي قيادت هاري اڳواڻن جي هٿن ۾ اچي وئي. آزاد رياست جي قيام جي مقصد کي سامهون رکندي حرن آزاد ڪرايل علائقن ۾ برطانوي هندي انتظاميا کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ ڌارين حڪمرانن جي چاپلوسي سان داغدار سرڪاري ملازمن کي ڪڍي ڇڏيو.

بغاوت ۾ شامل ماڻهن ۽ انهن جي خاندانن جي ضرورتن کي جاگيردارن جي ٽيڪس جي صورت ۾ حاصل ڪيل يا ڪپائڻ لاءِ جمع ڪيل غذائي ۽ ٽيڪنيڪي جنسن جا ذخيرا ضبط ڪيا ويا. ان سان گڏ ئي ٽيڪس جو نئون سادو نظام قائم ڪيو ويو عدالتي ادارا تشڪيل ڏنا ويا جن جي ڪم ۾ جاگيردارن، زميندارن شاهوڪارن ۽ انهن جي نوڪر چاڪرن جي شرڪت ممنوع هئي. جاگير دشمن نعرن حرن کي هارين جي وسيع حمايت فراهم ڪئي، جيڪي بغاوت جي محرڪ قوت بڻيا.

برطانوي هاءِ ڪمان سنڌ ۾ آٽوموبائيل گاڏين ۽ ٽئنڪن سان گڏ فاضل دستا ۽ اهڙي طرح فضائي اسڪواڊرن موڪلڻ تي مجبور ٿي وئي. حرن سان جنگ جي وقت ڏکڻ ايشيا جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو انگريزن ڇاپا مار ڪمانڊو استعمال ڪيا. سرڪاري انگن اکرن مطابق اپريل کان جولاءِ 1942 تائين 145 اڳواڻن ۽ ساٿين کي ڦاسي ڏني وئي ۽ 2800 کي جيلن ۾ واڙيون ويو. 1943 جي گرمين جي موسم ۾ استعماري فوج باغين جي اڪثر دستن کي تباهه ڪري ڇڏيو ۽ سيپٽمبر تائين حرن جي تقريبن سمورن رهنمائن کي گرفتار ڪيو ويو. مارشل لا بظاهر ختم ڪيو ويو پر حر تحريڪ کي چيڀاڻ وارو قانون (حر ايڪٽ) برقرار رهيو

ڪجهه ڇاپا مار گروهن جدوجهد بند نه ڪئي. عام قيادت رحيم هگورو ڪري رهيو هو، جنهن کي عوام "بادشاهه" جو خطاب ڏنو هو

صوفِي لاڪوفِي، ڪونَ پائَيس ڪيـُ؛
منجهيان ئِي مَنجِهه وڙهي، پڌر ناهِس پيـُ؛
جنين ساڻس ويـُ، تئي تنين جو واهَرُو.

پلاري رات جون پلايون

مير ذوالفقار چانڊيو

اڄ پندرهين شعبان جي پلاري رات آهي هن رات ۾ ٻانهن مٿان مالڪ جي مهربانين جا مينهن وسن ٿا گنهگارن جا گناهه ڌوپجن ٿا هن رات کي شب برات سڏبو آهي برات جي معنيٰ آهي ڇوٽڪاري جي رات هن پلاري رات ۾ انسان کي دنيا جي غمن پريشانين کان ڇوٽڪارو ملي ٿو جهنم جي باهه کان ڇوٽڪارو ملي ٿو هي وڏين بزرگين ۽ پلائين واري رات آهي هن رات ۾ تقديرن جا فيصلا لکيا ويندا آهن پندرهين شعبان جا 4 نالا آهن ليلت المبارڪة : برڪتن واري رات چوڏهن رات ۾ الله جي ٻاران پنهنجي ٻانهن مٿان برڪتن جو نزول ٿيندو آهي هن رات ۾ زمزم جي پاڻي ۾ واڌارو ٿيندو آهي

ليلت البرآة: ڇوٽڪاري جي رات چوڏهن رات ۾ الله ڪريم پنهنجي ٻانهن کي جهنم جي باهه کان ڇوٽڪارو عطا ڪندو آهي

ليلت الصڪة : لک پڙهه واري رات

چو ته هن رات ۾ ساري سال جا ليک لکيا ويندا آهن

ليلت الرحمة : رحمتن واري پلاري رات چوڏهن رات ۾ رب جي رحمتن جي ورهاست ٿيندي آهي

هن رات ۾ پنج خاصيتون آهن

هن رات ۾ لک پڙهه ٿيندي آهي

هن رات ۾ عبادت ڪرڻ ٻين راتين کان عبادت ڪرڻ ۾ فضيلت واري آهي

هن رات ۾ نزول رحمت ٿيندي آهي بخشش جو حصول ٿيندو آهي

ام المومنين حضرت عائشه صديقة رضي الله تعالیٰ عنها فرمائن ٿيون مون نبي ڪريم صلیٰ الله عليه وسلم کي فرمائيندي ٻڌو الله عزوجل (خاص طور تي) چار راتين ۾ پلائين جا دروازا کولي ڇڏيندو آهي

1 قرباني واري عيد جي رات 2 عيدالفطر جي رات 3 شعبان جي پندرهين رات جو ان رات ۾ مرڻ وارن جا نالا ۽ ماڻهن جو رزق ۽ (ان سال)) حج ڪرڻ وارن جا نالا لکيا ويندا آهن 4 عرفة يعني 8 ۽ 9 ذوالحجه جي وچين رات اذان فجر تائين

پندرهين شعبان جي رات ڪيڏي نازڪ آهي خبر ناهي ته ڪنهن جي قسمت ۾ ڇا لکيو وڃي! افسوس...

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو لاپرواهيءَ ۾ پيل رهجي ويندو آهي ۽ ان جي باري ۾ ڪجهه جو ڪجهه ٿي چڪو هوندو آهي

ڪتابن ۾ اچي ٿو ته ڪيترائي ڪفن ڌوپجي تيار رکيل هوندا آهن پر ڪفن پائڻ وارا بازارن ۾ گهمي ڦري رهيا هوندا آهن ڪيترائي ماڻهو اهڙا هوندا آهن جو انهن جون قبرون کوٽيل تيار هونديون آهن پر انهن ۾ دفن ٿيڻ وارا خوشين ۾ مست هوندا آهن حالانڪا انهن جي موت جو وقت ويجهو اچي چڪو هوندو آهي ڪيترن جي گهرن جي تعمير جو ڪم مڪمل ٿيڻ وارو هوندو آهي

پر گهر جي مالڪ جي موت جو وقت به ويجهو پهچي چڪو هوندو آهي

آگاهه اپني موت سه ڪوئي بشر نه
سامان سو برس ڪا هه پل ڪي خبر نه

حضرت عائشه صديقا رضي الله تعالیٰ عنها کان روايت آهي نبي ڪريم صلیٰ الله عليه وسلم جن فرمايو : مون وٽ جبريل عليه السلام آيو ۽ چيائين : هي شعبان جي پندرهين رات آهي هن رات ۾ الله تعالیٰ جهنم کان ايترن کي آزاد فرمائيندو آهي جيترا بني ڪلب جي ٻڪرين جا وار آهن ڪتابن ۾ لکيل آهي : بني ڪلب جو قبيلو عرب قبيلن ۾ سڀ کان وڌيڪ ٻڪريون پاليندو هو افسوس .... ڪجهه بدنصيب اهڙا به آهن جن تي انهيءَ رات شب برات يعني ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ جي رات به نه بخشجڻ جي وعيد آهي هن پلاري رات ۾ ڪافر ۽ عداوت رکڻ واري ۽ رشتو ٽوڙڻ واري ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪرڻ واري ۽ شراب جي عادي ڏانهن رحمت جي نظر ناهي فرمائيندو شب برآت تمام اهم رات آهي ڪنهن به صورت ۾ انهيءَ رات کي لاپرواهيءَ ۾ نه گذارڻ گهرجي ان پلاري رات ۾ خصوصيت سان الله جي رحمتن جي ڇماڇم برسات ٿيندي آهي حضرت علي المرتضي شير خدا ڪرم الله تعالیٰ وجه الڪريم کان مروي آهي جڏهن پندرهين شعبان جي رات اچي ته انهن ۾ قيام (يعني عبادت) ڪريو ۽ ڏينهن ۾ روزو رکو بيشڪ الله تعالیٰ سج لهڻ کان آسمان دنيا تي خاص تجلي فرمائيندو ۽ چوندو آهي : آهي ڪو مون کان معافي وٺڻ وارو آهي ڪو مغفرت گهرڻ وارو جو انکي بخشي ڇڏيان هن پلاري رات جو هڪ بهترين عمل آهي ته شب برات جي پندرهين رات ٻير جي وڻ جي ستن پنن کي پاڻي ۾ ٽهڪائي (ضرورت موجب سادو پاڻي ملائي ڪري) غسل ڪريو انشاء الله عزوجل سڄي سال جادو جي اثر کان محفوظ رهندو

****

بقايا *** 01

فيصلو آهي، مانگي ٽانگي سان ملڪ نٿو هلي سگهي، مون اڄ تائين پگهار ناهي ورتي، منهنجو پٽ به پگهار نٿو وٺي، عمران خان ڀٽو صاحب، بي بي شهيد کان وڌيڪ نه مقبول ناهي. هن جي مقبوليت غربت جي ڪري آهي، منهنجي ڪا آڊيو ٻاهر ناهي آئي. هن چيو ته مون 14 سال قيد ڪاٽي، جام صادق آڇ ڪئي هئي ته جيل کان گاڏي تي ائيرپورٽ ڇڏي اچان، مون آڇ رد ڪري ڇڏي، ڪنهن جي فون تي پرويز الاهي پنهنجي سياست داءُ تي لڳائي ڇڏي. مفتاح اسماعيل کي هٽائڻ ن ليگ جو پنهنجو فيصلو هو وزيراعظم سان ملاقات ۾ اليڪشن تي ڳالهيون نه ٿيون. سيڪيورٽي تي ڳالهيون ٿيون. اڳوڻي صدر چيو ته سنڌ سڀ کان وڌيڪ ڪمائي ڏئي ٿي، پنجاب اين ايف سي، 18 هين ترميم مان سڀ کان وڌيڪ فائدو ورتو آهي، اسان جو مقصد وفاق کي مضبوط ڪرڻ آهي. هن چيو ته نوازشريف جي واپسي هن جو ذاتي مسئلو آهي، پنجاب ۾ پ پ جي واپسي لاءِ ٽائمنگ اهم آهي. هن چيو ته نيب ۽ ڪاروبار گڏ نٿا هلي سگهن. هر ڪامورو صحيح ڪرڻ کان اڳ ٻڃي ٿي سندس چوڻ هو ته جنرل(ر) باجوا مس گائيڊ هو عمران خان جا سيڪيورٽي خدشا جائز ناهن، . اليڪشن ٿي ته اسان ضرور حصو وٺنداسين پر صورتحال خطرناڪ آهي، اليڪشن ڪميشن آزاد آهي جيڪو به ڪندي ان تي سڀئي لبيڪ چونداسين. سڀني کي ملڪي معيشت جي حوالي سان هڪ پيج تي هئڻ گهرجي. شهبازشريف کي وزيراعظم بڻائي ڇڏيو هو جيڪو چوندو آهي مان مڃيندو آهيان. ميان صاحب سان گڏ ويٺا آهيون.

بقايا *** 02

کيس گرفتار ڪيو ويندو. سومر ڏينهن ميڊيا سان ڳالهائيندي سڌ سماءُ واري وفاقي وزير چيو ته پاڪستان جو عوام ڏسي رهيو آهي ته هڪ پرڏيهي ايجنٽ، واچ چور، پوليس کي ڏسي لڪندو آهي ۽ پوليس جي وڃڻ کانپوءِ ٻاهر نڪري ويندو آهي ۽ ڦرلٽ ڪندو آهي. هن شخص پاڪستان جي قانون ۽ آئين کي يرغمال بڻائي رکيو آهي، ان جي باوجود هي شخص انصاف واري نظام جي ٻلڪن تي سوار آهي. هن چيو ته ماڻهوءَ کي خبر آهي ته هو جيترو زور سان رڙ ڪندو، اوترو ئي کيس آرام ايندو هن کي خبر آهي ته هو عدليه تي حملو ڪندو غنڊه گردي ڪندو، عدليه کي ڌمڪيون ڏيندو ۽ ضمانت حاصل ڪندو. هي شخص عدالت ۾ پيش نه ٿيندو چوندو ته هن کي خبر آهي ته هي واچ چور ۽ پرڏيهي ايجنٽ آهي، هن پاڪستان جي عوام کي ڦريو آهي. ۽ مهانگائي جي چوري کي ڪارايو آهي ۽ خبر آهي ته جنهن ڏينهن عدالت ۾ ايندي ۾ اهو پڪڙيو ويندي. هن چيو ته جڏهن پوليس کيس پڪڙڻ لاءِ آئي ته هو رڙيون ڪرڻ لڳو ۽ بل ۾ پهچي ويو

بقايا *** 03

جيل ڀريو تحريڪ جو نعرو هڻندڙ هاڻي جيل کان بچايو تحريڪ ۾ مصروف آهي. سنڌ جي اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت چاهي ٿي ته صاف ۽ شفاف طريقي سان ڊيجيٽل آدم شماري جو عمل ٿئي ۽ ڪنهن جماعت يا گروپ کي ان تي ڪوبه اعتراض نه هجي هن چيو ته سنڌ اسيمبلي اڄ قرارداد پڻ منظور ڪئي آهي ته ڊيجيٽل آدم شماري شفاف طريقي سان ٿئي. اهڙن خيالن جو اظهار هن سنڌ اسيمبلي ۾ ميڊيا ڪارنر تي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي ڪيو. صوبائي وزير چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه به ڊيجيٽل آدم شماري تي واضح موقف ڏئي چڪا آهن. هن چيو ته جيل ڀريو تحريڪ جو نعرو لڳائيندڙ هاڻي جيل کان بچايو تحريڪ ۾ مصروف آهي. جيل وڃڻ جو خوف تمام گهڻو سندس ذهن تي حاوي ٿي ويو آهي، گذريل ڏينهن عدالتي حڪمن جون ڌڄيون اڏايون ويون. هن چيو ته اقتدار جي هوس ۾ عمران نيازي پنهنجي حقيقي آقائن جي خلاف ڌهريلي مهم ۾ مصروف آهي، جن جي مدد سان عمران خان کي ناجائز اقتدار ڏنو ويو اڄ انهن جي خلاف عمران نيازي پرڏيهي ملڪن کان مهم هلائي رهيو آهي. عمران کي جنهن اقتدار ۾ آندو اڄ انهيءَ جي ڳلي پئجي ويو آهي. هن چيو ته باجوه صاحب هن کي جهولي ۾ ويهاريو . ان وقت سڀ نيڪ هو. هن چيو ته هاڻي اداري جي هر آفيسر کي بليڪ ميل ڪري رهيو آهي اها تحريڪ نه پر غنڊا گردي آهي. ڇا هٿن ۾ لٺيون کڻي تحريڪ هلائي ويندي آهي. هي چاهي ٿو ته بليڪ ميل ڪري ته جيئن چور دروازي کان اقتدار ۾ اچي سگهي. هن چيو ته عمران خان چوندو آهي ته هو ماريو ويندو. ڪيس ٻڌي مرڻ گهرجي، ڇا هو وڊيو ڊرامه خان جو ماڻهو هن جا دشمن ٿي ويا آهن. هن چيو ته عمران خان احسان فراموش شخص آهي پنهنجي محسن کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيو آهي هن چيو ته انهن کي چار چار گوليون لڳيون پر انهن کي ڪجهه به نه ٿيو ڇا سمورا ماڻهو بليٽ پروف پيدا ٿيا هئا. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته جنهن شخص کيس صادق ۽ امين جو سرٽيفڪيٽ ڏنو هو هاڻي اهوبه ڇٽي رهيو آهي ته مون کيس ڪٿن شين تي صادق ۽ امين جو سرٽيفڪيٽ ڏنو هو سمورين شين تي نه ڏنو هو. صوبائي وزير اطلاعات شرجيل انعام ميمڻ چيو ته هي شخص پاڪستان کي نقصان پهچائڻ جا رستا ڳولي رهيو آهي. هن شخص پويان ٻاهريان هٿ آهن جيڪي سندس مالي مدد ڪري رهيا آهن اهو سڀني جون اکيون کولڻ لاءِ ڪافي آهي هن چيو ته پاڪستان آهي ته اسان آهيون هن چيو ته پاڪستاني عوام کي انهن ماڻهن جا گريبان پڪڙڻ گهرجن ۽ انهن جو گهيراءُ ڪرڻ گهرجي. هي تبديلي نه پر تباهي آهي جنهن اسان جي نوجوان نسل کي تباهه ڪري ڇڏيو . هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته وفاقي حڪومت کي پنهنجي رٽ قائم ڪرڻ گهرجي پر وفاقي حڪومت تحمل جو مظاهرو ڪري رهي آهي ۽ چاهي ٿي ته معصوم ماڻهن جون جانيون ضايع نه ٿين. هن چيو ته عمران خان ٽڪراءُ چاهي ٿو ڪراچي جي مڪاني چونڊن بابت سوال جي جواب ۾ هن چيو ته حافظ نعيم الرحمان 10 مارچ جو انتظار ڪري رهيو آهي اڄ ئي اليڪشن ڪميشن هليو وڃي اسان کي ڪنهن قسم جي ڌانڌلي ناهي ڪرڻي. هن چيو ته ايم ڪيو ايم جي بائيڪاٽ جي ڪري جماعت اسلامي کي ايتريون سيٽون مليون نه ته سندن 25 کان وڌيڪ سيٽن جي حيثيت نه هئي هن چيو ته جيڪڏهن حافظ نعيم الرحمان ڪراچي جي ميئر جا خواب ڏسي رهيو آهي ته خواب ڏسڻ تي ڪا به پابندي ناهي.

بقايا *** 04

سان ايس ايس پي محمود نوتيزئي چيو آهي ته شروعاتي شاهدين موجب بولان ڌماڪو خودڪش هو ڌماڪي کان پوءِ بم ڊسپوزل ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي وئي آهي ۽ ڌماڪي کان پوءِ علائقي کي سرچ ڪيو پيو وڃي. بلوچستان جي وڏي وزير عبدالقدوس بزنجو بلوچستان ڪانسٽيبلري جي گاڏي ويجهو بم ڌماڪي جي مذمت ڪندي چيو آهي ته دهشتگرد بزدلاڻين ڪارروائين سان پنهنجن ناپاڪ ارادن کي حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. بدامني ۽ عدم استحڪام پيدا ڪري صوبي کي پوئتي رکڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي. اهڙين سمورين سازشن کي عوام جي حمايت سان ناڪام بڻايو ويندو. هوڏانهن وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله به بولان ۾ بلوچستان ڪانسٽيبلري تي دهشتگرد حملي جي مذمت ڪندي قيمتي جانين جي نقصان تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي. وفاقي گهرو وزير چيو ته سموري قوم دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورس سان گڏ بيٺل آهي. وفاقي گهرو وزير حملي جي رپورٽ به طلب ڪري ورتي آهي.

بقايا *** 05

خان جي گهر تائين پهچ نه ملي سگهي. پي ٽي آءِ چيئرمين جي سيڪيورٽي کي نظر ۾ رکندي نيب جي ٽيم کي اهلڪارن ڪافي دير تائين ٻاهر روڪي رکيو. پر ڪجهه دير انتظار ڪرڻ کان پوءِ نيب ٽيم واپس روانه ٿي وئي. ان موقعي تي صحافين طرفان سوال ڪيو ويو ته عمران خان کي نيب طرفان ڪهڙو نوٽيس وصول ڪرايو ويو؟ پر نيب اهلڪارن ميڊيا کي سوالن جو جواب ڏيڻ کان پاسو ڪيو. ياد رهي ته نيب جي چار رڪني ٽيم 24 فيبروري تي به زمان پارڪ آئي هئي. نيب ٽيم اڳ ئي توشه خانه ڪيس ۾ عمران خان ۽ ان جي گهرواري بشريٰ بي بي کي 9 مارچ تي طلب ڪيو آهي.

بقايا *** 06

سان معاشري ۾ ڀائيچاري کي هٿي ملندي پاڪستان جي هندو برادري جون ملڪ ۽ قوم لاءِ خدمتون ڏکيهون ۽ شاندار آهن عوامي ليڊر جي نظريي جو روح ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو فلسفو رواداري ۽ برابري آهي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ اڳوڻو صدر آصف علي زرداري وسيع تر قومي اتحاد ۽ هم آهنگي لاءِ سرگرم آهن هولي جي موقعي تي پ پ چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جو پيغام بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته سڄي دنيا ۾ رهندڙ پاڪستاني هندو ڀائرن کي رنگن جو تهوار هولي مبارڪ هجي هولي ڪوڙ تي سچ جي ابدي فتح، سماج ۾ ڀائيچاري ۽ تلخين کي وساري اڳتي وڌڻ جي علامت آهي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي 1973ع جي آئين موجب سڀني اقليتن کي برابري جا حق حاصل آهن پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ ۾ بين المذاهب هم آهنگي لاءِ پنهنجي غير متزلزل عزم تي قائم آهي

بقايا *** 07

سيشن عدالت مان جاري ضمانت نه ٿيڻ جوڳن گرفتاري وارنٽ کي رد ڪرڻ جي لاءِ عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي هئي اسلام آباد جي ايڊيشنل سيشن جج ظفر اقبال تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي ضمانت نه ٿيڻ جوڳن گرفتاري وارنٽن کي برقرار رکيو عدالت عمران خان جي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ بعد ڪجهه دير لاءِ فيصلو محفوظ ڪيو هو اسلام آباد جي عدالت ساڳئي ڪيس ۾ عمران خان کي سوائي طلب ڪيو آهي. عدالت محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائيندي عمران خان جا گرفتاري وارنٽ رد ڪرڻ واري درخواست رد ڪري ڇڏي. ٻئي طرف عمران خان جي وڪيلن جو چوڻ آهي ته هو عدالت جي فيصلي کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪندا.

بقايا *** 08

عمر عطا بنديال جي نالي خط ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان پنهنجي زندگي کي پيش ايندڙ خطرن کان آگاهه ڪيو آهي. عمران خان خط ۾ چيف جسٽس آف پاڪستان کان استدعا ڪئي آهي ته مختلف ڪيسن ۾ پيشي جي موقعي تي مناسب سيڪيورٽي جا انتظام ڪرايا وڃن. ان کان علاوه عمران خان چيف جسٽس کان وڊيو لنڪ ذريعي پيش ٿيڻ جي به اجازت ڏيڻ جي درخواست ڪئي آهي. ياد رهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان گذريل مهيني به چيف جسٽس سميت سپريم ڪورٽ جي سمورن ججز جي نالي هڪ خط لکيو هو جنهن ۾ آڊيو ليڪس جي سلسلي ۾ موقف اختيار ڪيو هو ته ڪهڙو قانون ڪهڙي ڳجهي رڪارڊنگز جو حق ڏئي ٿو ۽ اهو سلسلو ڪيستائين جاري رهندو. عمران خان فيبروري ۾ لکيل خط ۾ استدعا ڪئي هئي ته آڊيو ليڪس معاملي تي منهنجي درخواست کي فوري طور تي ٻڌڻي جي لاءِ مقرر ڪيو وڃي.

بقايا *** 09

اپيل تي ٻڌڻي ڪئي. وڪيل طرفان موقف اختيار ڪيو ويو ته راڻا ثناءالله عدليه خلاف تقريرون ڪيون جيڪي توهين عدالت جي زمري ۾ اچن ٿيون. جسٽس علي باقر نجفي چيو ته اسان کي ٽن شين جو جواب ڏيو ته درخواستگذار متاثر ڌر آهي يا نه؟ درخواستگذار متاثر ڌر ناهي ته هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيئن درخواست ڏئي سگهي ٿو ۽ سپريم ڪورٽ جي ججز تي تنقيد ٿيندي ته ان جي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست ڪيئن داخل ٿي سگهي ٿي؟ وڪيل چيو ته عدليه خلاف بيان ڏيڻ تي ڪوبه توهين عدالت جي درخواست داخل ڪري سگهي ٿو اوهان مريم نواز جي سرگودها ۽ گوجرانوالا جون تقريرون ٻڌو ان ۾ ئي اوهان کي فرق نظر ايندو. جسٽس علي باقر نجفي چيو ته اوهان ايترا ڪيس ڪٿي آيا آهيو؟ اسان وٽ ته ٽي وي ڏسڻ جو به وقت ناهي هوندو. اوهان يقين رکو عدالتون ايتريون ڪمزور نه آهن. اوهان کي مفت ۾ مشورو ڏيون ٿا ته اها پٽيشن سپريم ڪورٽ ۾ داخل ڪريو. وڪيل جي شروعاتي دليلن کان پوءِ راڻا ثناءالله خلاف توهين عدالت جي درخواست ٻڌڻ جوڳي نه هجڻ تي رد ڪئي وئي. ياد رهي ته ان کان اڳ به لاهور هاءِ ڪورٽ جي سنگل بينچ عدليه کي مبينه طور تي تڪراري بنائڻ تي راڻا ثناءالله خلاف توهين عدالت جي درخواست کي رد ڪري ڇڏيو هو جنهن کان پوءِ درخواستگذار انٽرا ڪورٽ اپيل داخل ڪئي هئي.

بقايا *** 10

چونڊون ملتوي ڪرڻ جي لاءِ ڪجهه به ڪري سگهي ٿي. چونڊ شيڊول به هن هفتي اچي ويندو. شيخ رشيد چيو ته بلاول ڀٽو زرداري کي آخرڪار ٻوڏ متاثر ياد اچي ويا. جنهن کان پوءِ هن چونڊن ۾ حصو وٺڻ ۽ وزارتن مان نڪرڻ جو اعلان به ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ هو تمام جلد آمريڪا جو چوٿون دورو ڪندو.

بقايا *** 11

صحافي سان ڳالهيون ڪندي جسٽس(ر) ثاقب نثار چيو ته اڄڪلهه عدالتي فيصلن تي اهي ڳالهيون ڪري رهيا آهن جن کي قانون جي زير ۽ زبر جي به خبر نه آهي. جيڪو شخص اڄ عدالتن تي حملي آور آهي اهو ڪڏهن عدالتن جو پسنديده رهيو آهي، صرف هڪ ڪيس کان علاوه کيس هميشه عدالتن مان رليف ملندو ٿي رهيو آهي. هن چيو ته جڏهن ته مان چيف جسٽس به نه هئس تڏهن نوازشريف مختلف حلقن ۾ اهو چوڻ شروع ڪري ڇڏيو هو ته هي پنهنجو چيف آهي. مون پاناما ڪيس ۾ پاڻ کي بينچ کان ڌار ڪري ڇڏيو هو ۽ نااهلي ڪيس ۾ مدي بابت نوٽيس به واضح ڪري ڇڏيو جيڪو به مدد ڪرڻ چاهي ڀلي ڪري. نااهلي جي مدي جي مقرري آئين ۽ قانون جي روشني ۾ ڪيو ويو. اڳوڻي چيف جسٽس چيو ته ٻن ڏينهن کان منهنجو واٽس ايپ هيڪ ٿي ويو آهي. اڃان تائين ريڪور ناهي ٿيو امڪان آهي ته منهنجي موبائل ڊيٽا کي ڪنهن خاص مقصد جي لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو پر منهنجو واٽس ايپ هيڪ ڪندڙن کي شرمندگي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه ملندو ان کان اڳ به منهنجي مختلف وڊيوز کي جوڙي هڪ آڊيو ٺاهي وئي هئي ڪنهن جي ذاتي زندگي ۾ مداخلت چوري جي زمري ۾ اچي ٿي. هن وڌيڪ چيو ته عمران خان کي مڪمل طور تي صادق ۽ امين قرار نه ڏنو هو ان کي به سياسي رنگ ڏنو ويو. عمران خان کي 3 نڪتن تي صادق ۽ امين قرار ڏنو هو اڪرم شيخ عمران خان بابت 3 نڪتا لکي ڏنا هئا ته ان تي فيصلو ڪيو وڃي. ٽنهي نڪتن تي عمران خان صادق ۽ امين ثابت ٿيو هو. جسٽس(ر) ثاقب نثار چيو ته پي ڪي ايل آءِ جي فارنزڪ رپورٽ جو جيڪڏهن ڪو جائزو وٺندو ته سندس مٺي تي هٿ اچي ويندا. پي ڪي ايل آءِ جي سربراهه کي هڪ پير جي چوڻ تي مقرر ڪيو ويو هن چيو ته ملڪ جي مسئلن جو حل چونڊن ۾ آهي. 2018 ۾ به چونڊن جي رستي ۾ رنڊڪون وڌيون ويون جنهن کي مون ناڪام بنايو هو جنهن جو گواهه بابر يعقوب آهي. اڳوڻي چيف جسٽس چيو ته مون غلط فيصلا ڪيا هوندا پر ملڪ جي بقاءَ لاءِ جيڪي به فيصلا ڪيا ان تي عمل چونڊ ٿيڻ گهرجي. جسٽس(ر) ثاقب نثار کان سوال ڪيو ويو ته پاناما ڪيس ۾ اوهان تي نوازشريف کي نااهل ڪرائڻ جي لاءِ جنرل(ر) فيض حميد دٻاءُ وڌو؟ جنهن تي ثاقب نثار چيو ته جنرل(ر) فيض حميد ڪير هوندو آهي جيڪو منهنجي مٿان دٻاءُ وجهي؟ مون جنرل(ر) باجوه سان سندس ان دعويٰ جي باري ۾ ڳالهائيندس. ثاقب نثار چيو ته هي منهنجي نالي چئي رهيا آهن ته مان عمران خان جي لاءِ عدليه ۾ لابنگ ڪري رهيو آهيان مان ڇو عمران خان جي لاءِ عدليه ۾ لابنگ ڪندس؟ مون کي پنهنجن ٻارن جي مستقبل جي فڪر آهي؟ ثاقب نثار چيو ته مان هاڻ ڪنهن کي به انٽرويو نه ڏيندس، منهنجي مرڻ کان پوءِ هڪ ڪتاب شايع ٿيندو جنهن ۾ سمورين حقيقتون هونديون. 1987 کان وٺي چيف جسٽس جي عهدي تائين سموري ڪهاڻي لکندس.

بقايا *** 12

گهر ۾ نه آهي. آصف زرداري ۽ ٻين سياستدانن ڪوڙن ڪيسز ۾ جرئت ۽ حوصلي سان گرفتاري ڏني هئي پنهنجي نوٽيس ۾ چيو ته عمران خان عدالتي ۽ قانوني ڪارروائي روڪڻ لاءِ هر ڀيري ڪارڪنن جي پويان لڪي وڃي ٿو هن چيو ته عمران خان گرفتاريءَ کان ايترو ڊنل آهي جو پوليس کان ذاتي طور عدالتي نوٽيس به نه ٿو وٺي شيري رحمان چيو ته گرفتاريءَ کان بچڻ لاءِ زمان پارڪ ۾ لڪي ويٺل آهي، نوٽيس کڻي پهتل پوليس کي سندس خالي ڪمرو ڏيکاريو ويو.

بقايا *** 13

ڪيو پيو وڃي جيڪو قومي مفادن جي خلاف هجي. ٻڌايو وڃي ته ڇا اسان جا ايٽمي اثاثا دٻاءُ ۾ ته نه آهن؟ پنهنجي بيان ۾ رضا رباني چيو ته معاهدي تي صحيحون ڪرڻ تي آءِ ايم ايف طرفان پير پوئتي ڪرڻ ۽ چين کان سواءِ ٻين دوست ملڪن جي لنوائڻ تي پارليامينٽ کي اعتماد ۾ وٺڻ جي ضرورت آهي. ائين لڳي ٿو ته پاڪستان کي اهڙو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو پيو وڃي جيڪو قومي ۽ اسٽريٽجڪ مفادن جي خلاف آهي. رضا رباني چيو ته عوام کي اهو ڄاڻڻ جو حق آهي ته ڇا اسان جا ايٽمي اثاثا دٻاءُ ۾ آهن؟ چين سان اسان جا اسٽريٽجڪ لاڳاپا خطري ۾ آهن يا اسان کي خطي ۾ اهڙو ڪردار ادا ڪرڻ جي لاءِ چيو پيو وڃي جيڪو سامراجي طاقت جي فوج جي موجودگي کي آسان بنائيندو؟ هن چيو ته اهي سوال گڏيل پارليامينٽ جي فلور تي وزيراعظم جي پاليسي بيان جا گهرجاءُ آهن. ٽي ٽي پي جا سوال ۽ دهشتگردي ۾ واڌ تي به حڪومت طرفان ڪا به بحث يا بريفنگ ناهي ملي سگهي، لڳي ٿو ته پي ٽي آءِ هجي يا موجوده حڪومتون سڀ پارليامينٽ مان آزادي چاهين ٿيون.

بقايا *** 14

ڪينسر ۾ مبتلا هو محمد قوي خان ننڍي عمر کان ئي ريڊيو کان صداڪاري جي شروعات ڪئي هن ٿيٽر، ٽي وي ۽ فلمن ۾ پنهنجي اداڪاري جا جوهر ڏيکاريا. پي ٽي وي لاهور تان نشر ٿيندڙ ڊرامي سيريل (انڌيرا اجالا) کيس تمام گهڻي شهرت عطا ڪئي جنهن ۾ هن پوليس انسپيڪٽر جو ڪردار ادا ڪيو هو قوي خان ڪافي وقت کان بيمار هو ۽ هن وقت علاج جي حوالي سان ڪينيڊا ۾ ترسيل هو جتي هو فوت ٿي ويو آهي. محمد قوي خان نومبر 1942ع ۾ پشاور ۾ پيدا ٿيو ۽ ننڍي عمر کان ئي ريڊيو پاڪستان سان جڙي ويو جتي هن آواز ۾ مهارت حاصل ڪئي. ان کان پوءِ هن ٿيٽر ۾ ڪم ڪرڻ سان گڏوگڏ پاڪستان ٽيليويزن تي به اداڪاري شروع ڪري ڇڏي ۽ تمام جلد پهرين نمبر جي اداڪارن جي فهرست ۾ شامل ٿي ويو. معاشري ۾ ڏوهن ۽ قانون جي موضوع تي ٺهيل ڊرامي انڌيرا اجالا ۾ سندس نه وسرندڙ ڪردار اڄ تائين ڏسندڙن کي ياد آهي. پي ٽي وي تي نشر ٿيندڙ بليڪ اينڊ وائٽ ڊرامي (لاکون مين تين) سندس پهريون ڊرامو هو جيڪو 1966ع ۾ نشر ٿيو هو محمد قوي خان جو نه وسرندڙ اهم ڪردار مرزا غالب جو به هو جيڪو شروعاتي ڪيريئر جو هڪ بهترين ڊرامو به هو محمد قوي نجي چينلز تي به پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندو رهيو جنهن ۾ آنگن، چيڪي چيڪي، سنڊريلا، بيٽيان، ميري شهزادي، تميزالدين کي بدتميز فيملي، شارٽ فلم ٺرڪي شامل آهن. قوي خان 200 کان وڌيڪ فلمن ۾ ڪم ڪيو ۽ بهترين اداڪاري ذريعي پنهنجو خاص مقام ٺاهيو. 1980 ۾ محمد قوي خان کي حسن ڪارڪردگي جي ايوارڊ سان نوازيو ويو جڏهن ته کيس ستاره امتياز، لائف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ، 3 نگارز ايوارڊز سميت ڪيترن ئي قومي ۽ عالمي ايوارڊز ۽ اعزازات سان به نوازيو ويو. محمد قوي جي مشهور فلمن ۾ ٽائيگر گينگ، مٽي کي پتلي، سوسائٽي گرل، چن سورج، سرفروش، رانگ نمبر ۽ پري به شامل آهن. محمد قوي خان سان گڏ ڪم ڪندڙ اداڪارن جو چوڻ آهي ته هو هڪ بهترين اداڪار ئي نه پر هڪ بهترين ۽ خوددار انسان به هو قوي خان شوبز انڊسٽري ۾ پنهنجي بهترين اداڪاري سان يادن جو قيمتي اثاثو ڇڏيو آهي هو چاهيندڙن جي دلين ۾ هميشه زنده رهندو.

بقايا *** 15

آرگنائيزر مريم نواز خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي لاءِ درخواست لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪئي وئي آهي جنهن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته عدليه جي خلاف مهم هلائي پئي وڃي ان لاءِ عدليه کي اسڪينڊلائيز ڪندڙن خلاف ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته مريم نواز پارلياماني جمهوريت جون ڳالهيون ڪندي آهي، کيس خيال رکڻ گهرجي، هن لفظن جي چونڊ صحيح ناهي ڪئي.

بقايا *** 16

کان وڌيڪ ماڻهو متاثر ٿيا آهن. ٻوڏ سبب ڳوٺن جا ڳوٺ ڊهي پيا آهن. انهن علائقن ۾ گهر شماري ۽ آدمشماري ممڪن نه آهي تحريڪ انصاف ٻاران عمران خان جي تقريرن ۽ بيانن تي پيمرا جي پابندي خلاف ٺهراءُ پيش ڪيو ويو. اپوزيشن ليڊر حليم عادل شيخ ٺهراءُ پيش ڪيو ايوان ۾ ڳالهائڻ جي اجازت نه ملڻ تي پي ٽي آءِ ميمبرز احتجاج ڪيو. اجلاس ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ فردوس شميم نقوي ٻاران پنهنجي قميص لاهڻ جي ڪوشش تي حڪومتي عورت ميمبرز سخت احتجاج ڪيو شرميلا فاروقي چيو ته فردوس شميم ڪپڙا لاهي ايوان جي توهين ڪئي آهي، ڇا هو پنهنجي نياڻي ۽ ڀينرن جي سامهون ائين ڪپڙا لاهيندو آهي امداد پتافي چيو ته هي ڪپڙا ته لاهين ٿا پر ڄنگهه تان پلاستر نه ٿا لاهين. جنهن وقت فرح گوگي ملڪ کي ڦري رهي هئي ان وقت فردوس شميم پنهنجي ٽوپي ۽ شيرواني لاهي ها، سنڌ جو عوام پ پ سان گڏ آهي

بقايا *** 17

علاج هلندڙ آهي، پر سندس طبيعت ۾ سڌارو نه آيو آهي ايس يو پي ترجمان موجب زين شاهه کي ڦڦڙن ۾ انفيڪشن ٿيو آهي ۽ سندس علاج هلندڙ آهي ترجمان ٻڌايو ته ڊاڪٽرن سيد زين شاهه کي وڌيڪ به ڏينهن آءِ سي يو ۾ رهڻ جو مشورو ڏنو آهي

بقايا *** 18

ماڻهن کي چوي ته هاڻ اسان تي ڪوبه ظلم نه ٿيندو جيڪڏهن اسان شريف آهيون ته ايم ڪيو ايم به شريف آهي خالد مقبول صديقي 19 مارچ تي ڪراچي جي باغ جناح ۾ جلسو ڪرڻ جو به اعلان ڪري ڇڏيو ايم ڪيو ايم اڳواڻ چيو ته ملڪ ۾ آدمشماري ٿي رهي آهي. اسان کي هر حال ۾ پنهنجو پاڻ کي ڳڻپ ڪرائڻ گهرجي. اسان کي خبر آهي ته پراجيڪٽ عمران خان ناڪام ٿي ويو آهي. اهڙا پراجيڪٽ نه صرف ناڪام ٿيندا آهن پر اکيون به ڏيکاريندا آهن. ٻئي طرف سينيئر ڊپٽي ڪنوينر مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته 4 سال عمران خان ملڪ جو ٻيڙو غرق ڪري ڇڏيو عمران خان پنهنجي ناڻي سان ايم ڪيو

بقايا *** 19

ٽي سي پي اين اي جي سيڪريٽري جنرل عامر محمود، سنڌ جي صدر ڊاڪٽر جبار خٽڪ، اعجاز الحق، حامد حسين عابدي، قاضي اسد عابد، غلام نبي چانڊيو، عارف بلوچ، محمد طاهر، سلمان قريشي سيد مدثر عبدالسلام، حميده ڪوڙو، محمد سراج، عمران ڪورائي، شبير محمد ڪاوڙ رفيق احمد پيرزاده، مدثر عالم، سعيد خاور، نصرت مرزا، مقصود يوسفي، بلقيس ٻين عهديدارن ۽ ايڊيٽرز پڻ موجود هئا. ان موقعي تي سي پي اين اي جي عهديدارن اطلاعات کاتي جي سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ ۽ ان سان گڏ آيل وارن اطلاعات کاتي جي ڊائريڪٽرن ايڊمن ۽ اڪائونٽس يوسف ڪابورو، ڊائريڪٽر اشتهارات امتياز جويو ۽ ڊائريڪٽر پريس انفارميشن حسن اصغر نقوي جو پرجوش استقبال ڪيو ان موقعي تي منعقد ڪيل اجلاس ۾ اخبارن جي ايڊيٽرن سنڌ جي اطلاعات کاتي جي سيڪريٽري کي صوبي ۾ پرنٽ ميڊيا جي صورتحال کان آگاهه ڪيو ۽ اطلاعات ۽ اخبارن جي وچ جي رابطن کي مسلسل ۽ مستحڪم ڪرڻ تي زور ڏنو ۽ خبرن جي وقت تي پهچائڻ ۽ اشتهارن جي واجبات جي حوالي سان پنهنجون گذارشون پيش ڪيون سنڌ جي اطلاعات کاتي جي سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته اخبارن ۽ ٻين ميڊيا سان باضابط ۽ رابطي جا بنيادي مقصد ميڊيا جي مسئلن کي ٻڌڻ ۽ توهان جي مشوري سان ان جو حل ڪڍڻ به آهي. هن چيو ته اسان ڪوشش ڪنداسين ته مسئلن کي وقت تي ۽ توهان جي اطمينان جي مطابق حل ڪيو وڃي. اجلاس جي پڄاڻي تي سي پي اين اي پاران اطلاعات کاتي جي سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ کي شيلڊ ۽ اجرڪ جو تحفو پيش ڪيو ويو

بقايا *** 20

جڏهن ته عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو قدر 8 ڊالر گهٽجڻ سان 1849 ڊالر في اونس آهي.

بقايا *** 21

صرف پئسا ڪمائڻ لاءِ نه هوندي آهي. امجد سراج ميمڻ چيو ته يونيورسٽيون صرف 5 سو نائب قاصد ڀرتي ڪرڻ لاءِ نه ٺهيون آهن.سنڌ ۾ ووٽرن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڀرتيون ڪيون وينديون آهن. يونيورسٽين ۾ ڪانٽريڪٽ تي ڀرتين تي پابندي لڳائي وئي آهي.

بقايا *** 22

آهي ۽ هلندڙ هفتي ئي آءِ ايم ايف سان اسٽاف ليول معاهدو طئي ٿيڻ جو امڪان آهي. ذريعن موجب پاڪستان آءِ ايم ايف جي ڏنل سمورن حدن تي اڳڀرائي ڪئي آهي. آءِ ايم ايف کي 4 ٻيرا آءِ ايم ايف پي جي حدفن تي مطمئن ڪيو ويو اسٽاف ليول معاهدي کان اڳ اڳوات حدف به حاصل ڪيا ويا. ذريعن ٻڌايو ته ناڻي جا ذخيرا بهتر ٿيڻ سان آءِ ايم ايف جي آخري شرط به پوري ٿي وئي آهي. چين ٻاران ڏنل قرض جي رول اوور ٿيڻ تي ناڻي جا ذخيرا بهتر ٿي ويا آهن.

بقايا *** 23

ڪوڪر 18 سالا ناري سائره ڪوڪر سان هڪ ڏينهن اڳ ڏگهڙي ۾ پيار جو پرڻو ڪيو هو جنهن جي وليمي جي تقريب رٿيل هئي، تقريب ختم ٿيڻ کانپوءِ گهوٽ ۽ ڪنوار پنهنجي ڪمري ۾ ويا ته صبح 6 وڳي نامعلوم شخص ڪمري ۾ داخل ٿي گهوٽ صابر علي کي گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويو تعلقه پوليس ڪنوار ۽ هڪ نوجوان راجا ڪوڪر کي پسٽل سميت گرفتار ڪري ورتو آهي، پوليس وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. پوليس جو ان سلسلي ۾ چوڻ آهي ته پسٽل گرفتار ٿيل شخص راجا جو آهي معاملي ۾ ڪنوار ملوث لڳي ٿي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. هوڏانهن تعلقي ٿاڻي جي ايس ايڇ او نياز ڪوسو رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته سائره ۽ صابر علي ڪوڪر هڪ ڏينهن اڳ پيار جو پرڻو ڪيو هو ڪالهه رات سندن وليمي جي تقريب رٿيل هئي تقريب ختم ٿيڻ کانپوءِ صبح جو ڪمري ۾ گهوٽ کي قتل ڪرڻ جو اطلاع مليو لاش پوليس تحويل ۾ وٺي سول اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪنوار سائره کي پوليس تحويل ۾ جاچ لاءِ رکيو ويو آهي ٻئي طرف گهوٽ صابر علي ڪوڪر جي قتل ٿيڻ کانپوءِ شادي واريون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون. اهڙي واقعي کان پوءِ علائقي ۾ خوف هراس ڇانيل آهي.

بقايا *** 24

بهار جي موسم جي آمد جي خوشيءَ ۾ ملهايو ويندو آهي. بهار جي آمد قدرتي تي نوان رنگ آڻي ٿي ۽ زندگي جي وري بحال ٿيڻ جو اشارو ڏيئي ٿي . هن وڌيڪ چيو ته بهار جي موسم جي هولي تهوار جي ذريعي آجيان ڪئي ويندي آهي. صوبائي وزير چيو ته سنڌ ۾ هندو برادري پنهنجو تهوار روايتي جوش ۽ جذبي سان ملهائي رهي آهي ۽ هولي جي موقعي تي ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعائون گهريون وينديون آهن. صوبائي وزير چيو ته سنڌ حڪومت مندرن ۽ هندو برادري جي عبادت گاهن تي سيڪيورٽي جا خاص انتظام ڪيا آهن ۽ هندو ملازمن لاءِ 6 ۽ 7 مارچ تي موڪل جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا *** 25

صورتحال جي خرابي جو ذميوار قرار ڏيندي چيو ته اسان کي تباهه ٿيل معيشت ورثي ۾ ملي آهي، پر اسان ملڪ کي ٻيهر پٽڙي تي آڻڻ جي ذميواري کنئي آهي، اسان اهو ڪرڻ لاءِ پرعزم آهيون. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙ ماڻهن کي رليف ڏيڻ جي حڪومتي ڪوشش موجب مارچ کان ٽه ماهي قسط ۾ 25 سيڪڙو وڌيڪ ڏنو ويندو ڪالهه پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي خاص مددگار چيو ته بي آءِ ايس پي تحت سڄي ملڪ ۾ 8.9 ملين ماڻهن کي رليف فراهم ڪيو پيو وڃي، ۽ موجوده مهانگائي سبب پاڪستاني عوام جي مشڪلاتن کي نظر ۾ رکندي ٽه ماهي قسطن جي رقم وڌائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هن چيو ته حڪومت بي آءِ ايس پي جي حقدارن کي يوٽيلٽي اسٽورز ڪارپوريشن ذريعي ضروري کاڌي پيتي جي شين تي سبسڊي فراهم ڪري رهي آهي جنهن جو مقصد معاشري جي ڪمزور طبقي کي وڌ کان وڌ رليف پهچائڻ آهي ڊائنامڪ رجسٽري سروي حوالي سان ڳالهائيندي فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته گلگت بلتستان ۽ آزاد ڄمون ڪشمير سميت سڄي ملڪ جي سمورن ضلعن ۾ سروي جي شروعات ڪئي وئي آهي ته جيئن غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاريندڙ وڌيڪ حقدارن جي سڃاڻپ ۽ انهن کي شامل ڪيو وڃي. هن چيو ته اهي سمورا ماڻهو جن وٽ بي آءِ ايس پي جو ڪارڊ نه آهي اهي ڊائنامڪ رجسٽري آفيس جو دورو ڪري سگهن.

بقايا *** 26

بلاول ڀٽو زرداري به آدمشماري بابت خدشن جو اظهار ڪيو اسان جا خدشا ختم نه ڪيا ويا ته پنهنجي حڪمت عملي جوڙينداسين احتساب عدالت ۾ پيشي وقت ميڊيا سان ڳالهائيندي آغا سراج دراني چيو ته مان گهر ۾ نظربند ٿيل آهيان، مون کي خبر نه آهي ته ٻاهر ڇا ٿي رهيو آهي آغا سراج دراني آمدني کان وڌيڪ اثاثن واري ريفرنس ۾ احتساب عدالت اڳيان پيش ٿيو جج جي موڪل تي هئڻ سبب ٻڌڻي نه ٿي سگهي، ريفرنس جي ٻڌڻيءَ لاءِ 21 مارچ جي تاريخ مقرر ڪئي وئي آهي سپريم ڪورٽ ۽ احتساب عدالت آغا سراج جي ضمانت رد ڪري چڪيون آهن. آغا سراج دراني پنهنجي ضمانت لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ به درخواست داخل ڪرائي آهي

بقايا *** 27

تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي. هن زخمي اهلڪارن جي جلد صحتيابي لاءِ دعا پڻ ڪئي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ملڪ دشمن عنصر نٿا چاهين ته پاڪستان ترقي ڪري. صوبائي وزير چيو ته پاڪ فوج ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي قربانين جي ڪري ملڪ ۾ عدم استحڪام پيدا ڪرڻ واريون سموريون سازشون ناڪام ٿينديون.

بقايا *** 28

حنيف ماڇيوٽي جي خاندان سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي دعا ڪئي آهي ته الله تعالي مرحوم جا درجا بلند فرمائي ۽ پوئٽرن کي صبر جميل عطا فرمائي. آمين.

بقايا سنڌيار 01

فوجي منظور احمد مهر هدايت الله محمد صادق مهر راهي جميل منشي وسند مهر حزب الله مهر صحافين اسلم مهر بشير رضا مهر ذاڪر مهر مختيار مهر صديق مهر ٻين شرڪت ڪئي جڏهن ته ٽورنامنٽ جي فائنل ميچ ۾ ميزبان جاويد سي سي شريف مهر ۽ جسڪاڻي سي سي خانپور مهر جي ٽيمن وچ ۾ سخت مقابلو ٿيو جاويد سي سي ٽيم جي ڪپتان جاويد مهر ٽاس کٽي پهرين بالنگ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو اهڙي ريت جسڪاڻي سي سي پهريان بيٽنگ ڪندي مقرر 8 اوورن ۾ 139 اسڪور ڪيو جنهن ۾ امين چنڙ ڪپتان اسد جسڪاڻي ۽ مهتاب بهترين بيٽنگ ڪئي جڏهن ته جوابي بيٽنگ ۾ جاويد سي سي جي ٽيم 8 اوورن ٽارگيٽ تائين نه پهچي سگهي اهڙي ريت ٽورنامنٽ جو فائنل جسڪاڻي سي سي خانپور مهر جي ٽيم پنهنجي نالي ڪري ورتو جڏهن ته بهترين بيٽنگ ڪرڻ تي شوڪت کي مين آف دي ميچ قرار ڏنو ويو امين کي مين آف دي سيريز قرار ڏنو ويو جڏهن ته ثناءالله کي بيسٽ آف ٽورناميٽ بالر قرار ڏنو ويو ان موقعي تي ڪرڪيٽ ٽورناميٽ جي فائنل ميچ جي خاص مهمانن پاران ونر ٽيم ۽ رنر ٽيم کي ٽرافي ۽ ڪيش انعام پڻ ڏنا ويا

بقايا سنڌيار 02

والد سيد غلام عمر شاهه ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد 58 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو جنهن جي جنازي نماز درگاهه الله آباد شريف ڪنڌيارو ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ استادن درگاهه جي فقيرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنازي نماز بعد مرحوم جي ميت کي مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو ٻئي پاسي استاد جي پونيئرن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا سنڌيار 03

نئين چونڊجي آيل باڊي صدر طالب حسين چانڊيو سينيئر نائب صدر فقير بشير لطيفي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سميع الله ٻگهيو، نائب صدر عبدالجبار ٿيٻو پريس سيڪريٽري زاهد حسين ٻرڙو، نديم علي چانڊيو، آصف علي چانڊيو ۽ ٻين تعلقه پريس ڪلب وارهه جي دوستن کي گلاب جي گل جو گلدستو پيش ڪيو ۽ مبارڪباد پيش ڪئي ان موقعي تي آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت آجياڻو سينيئر نائب صدر فقير بشير لطيفي طرفان پيش ڪري سندس جو شڪريو ادا ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 04

موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان چيو ته اسان ننڍن ملازمن کي حق نٿا ڏنا وڃن اڳواڻن مطالبو ڪندي چيو ته سنڌ ۾ لوئر اسٽاف ملازمن کي هن وقت تائين اپگريڊ ناهي ڪيو ويو جڏهن مهانگائي روز وڌي رهي آهي جنهن سبب اسان پنهنجي ٻچڙن کي هڪ ويلي جي ماني به نه پيا ڪارائي سگهون هنن مطالبو ڪندي چيو ته اسان جي بنيادي اسڪيل 01 مان اپگريڊ ڪري 07 اسڪيل ڪيو وڃي. لوئر اسٽاف ملازمن کي ملنڊ يونيفارم الائونس ٻين الائونسن وانگر پگهار ۾ شامل ڪري ڏنو وڃي. لوئر اسٽاف ملازمن جي بايوميٽرڪ جي بنياد تي بند ڪيل پگهارون ڪوليون وڃن. تعليم کاتي جي لوئر اسٽاف ملازمن کي ٽائيم اسڪيل جو نوٽيفڪيشن جلد جاري ڪيو وڃي جيڪو 25.02.2019 تي وڏي وزير ۽ ان جي ڪابينا منظور ڪيو هو لوئر اسٽاف ملازمن کي ملنڊ جونيئر ڪلارڪ 30% ڪوٽا تي عمل ڪري پروموشن ڪيو وڃي. سيڪريٽريٽ ملازمن کي ملنڊ يوٽيلٽي الائونس تعليم کاتي جي لوئر اسٽاف ملازمن کي پڻ ڏنو وڃي. لوئر اسٽاف ملازمن کي بايو ميٽرڪ کان آجو ڪيو وڃي. ان کان علاوه لوئر اسٽاف ملازم کان پنهنجي پوسٽ جو ڪم ورتو وڃي. هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته اگر اسان جا مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاجي تحريڪ کي وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 05

آپگهات ڪندڙ نوجوان ذين العابدين سومرو جي وارثن جو آهي، ته نوجوان جو ذهني توازن صحيح ڪونه هو سندس 2 سال اڳ شادي ٿي هئي، ۽ اچانڪ گجي ۾ ڦاهو ٻڌي پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

بقايا سنڌيار 06

عبداڀان سان گڏ نوجوان پٽ محمد ارشد آرائين جي ڳولا لاءِ نوابشاهه پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ٻڌايو ته 4 ڏينهن اڳ منهنجو نوجوان پٽ ٻن پٽن جو پيءُ محمد ارشد آرائين رات جو 8 وڳي گهر جو سامان وٺڻ لاءِ دوڪان تي ويو ته واپس نه آيو آهي. هن چيو ته اسان جي ڪنهن سان به ڪا دشمني ناهي، سندس جي گمشدگي تي مون سميت ٻيا گهر ڀاتي تمام گهڻا پريشان آهن. هن چيو ته نواب شاهه جي تقريبن ٿاڻن سميت جيل ۾ به ڳولا ڪئي آهي ليڪن پٽ جو ڪوبه ڏس پتو نه ملي سگهيو. هن اپيل ڪئي ته پٽ جي ڳولا ۾ منهنجي مدد ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 07

جنازي نماز پوليس هيڊ ڪوارٽر شڪارپور ۾ ٿي گذري جنهن ۾ ايس ايس پي شڪارپور رٽائرڊ ڪيپٽن فيضان علي سميت هيڊ آف برانچز ۽ آفيسن جي اسٽاف سميت پوليس لائين آفيسرن ۽ جوانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ايس ايس پي شڪارپور مرحوم جي ميت جو ڪلهي ڪانڌي به ٿيو مرحوم ڳوٺ آنڌل معرفاني تعلقي ڳڙهي ياسين جو رهواسي هو جتي سندس جنازي نماز کان پوءِ ڪيس مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 08

سول قل شاهد خانزاده زاهد لنڊ ثناءالله عباسي اعجاز تگڙ ذوالفقار علي تگڙ احد ميمڻ شاهد عظيمي نجيب الله تگڙ غلام حسن ڪلهوڙو ضمير حسين وسطڙو ۽ ٻين پاران احتجاجي ڪيمپ لڳائي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي ايس ايچ او منشيات فروش قربان ڪلوڙ خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي ميڊيا سان ڳالهائيندي ضمير حسين وسطڙو چيو ته هي منشيات فروش پوليس شهر مان روز ٽينڊ ڏوهن تي ڪنٽرول ڪرڻ بجاءِ اهي غريب مسڪين ماڻهن کي ڏندا ڏا هڻن ٿا ايس ايس سموري ضلع ۾ ڏوهارين جا ساٿاري ۽ منشيات فروش ايس ايچ اوز ٿاڻن تي رکي سموري ضلعي جي ماڻهن جو ننڊون حرام ڪري ڇڏيون آهن ماجد تگڙ چيو ته شهر ۾ ڏوهه جنهن تيزيسان وڌن ٿا پوليس ڪنٽرول ڪرڻ بجاءِ انهن گرفتار ٿيل ڏوهارين کان لکين روپيا رشوت وٺي آزاد ڪيو وڃي ٿو نوشهرو فيروز پوليس ڏوهه ڪرائڻ ۾ ڏوهارين سان ڀٽ ٻٽيل آهي سنڌو نواز جو اهو ڏوهه هو ته هن وڌندڙ مهانگائي ۽ منشيات خلاف ريلي ڪڍي ته ان ريلي تي منشيات فروش ايس ايچ او قربان ڪلوڙ ڪڙڪي پيو ڏنڊا هڻي سنڌو نواز گانگهرو ۽ حمزعلي چانڊيو کي رتورت ڪري ڇڏيو ۽ انهن مٿان دهشد گردي جي ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي جڏهن صحافي ڪوريج لاءِ پهتا ته انهن کان به ڪيمرائون کسڻ جي ڪوشش ڪئي ان کان پوءِ سينئر صحافي صدر نيشنل پريس ڪلب مرڪزي اڳواڻ سنڌ صحافي اتحاد ايم ظفر تگڙ ۽ 10 نا معلوم ماڻهن خلاف ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪري انهن کي وڌيڪ ڪوڙن ڪيسن ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي فورن ان نا اهل ايس پي قيوم پتافي ۽ ان جي دادلي منشيات فروش چورن جي ساٿاري ايس ايچ قربان ڪلوڙ کي هٽائي نوشهرو فيروز ۾ امن بحال ڪري صحافي ظفر تگڙ سنڌو نواز گانگهرو حمزه علي چانڊيو مٿان ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن ورنه ايس پي آفيس اڳيان ڌرڻو هڻبو ڪجهه به ٿيو ته انجو ذميوار ايس پي قيوم پتافي هوندو

بقايا سنڌيار 09

تبليغي اجتماع ۾ شرڪت لاءِ سانگهڙ ويل هو انهيءَ سلسلي ۾ گم ٿيل نينگر جي والد غلام مصطفيٰ چانڊيو ۽ ڀاءُ علي حيدر چانڊيو ميڊيا کي ٻڌايو ته علائقي جي رهواسين سان گڏ اسان جو نينگر سانگهڙ ويل هو ساڻس گڏ ويل سمورا ماڻهو واپس اچي ويا آهن ليڪن سڪندر واپس نه آيو آهي، وٽي ويل به ڪجهه ٻڌائڻ لاءِ تيار نه آهن. هنن انسانيت ناتي اپيل ڪئي ته سڪندر جي ڳولا ۾ مدد ڪرائي وڃي

بقايا سنڌيار 10

ڪرايل پبلڪ پارڪ مهيا ڪري ڏنو ويو جنهن جو مڪمل ڪم ٿيڻ تي هڪ شاندار رنگارنگي افتتاحي تقريب منعقد ڪئي، تقريب ۾ پ پ پ ايم اين اي سيد اياز شاهه شيرازي، پ پ پ ايم پي اي سيد شاهه حسين شاهه شيرازي، پ پ پ اڳواڻ سيد تنوير شاهه شيرازي، پ پ پ اڳواڻ سيد حاجي پاشا شاهه شيرازي، پ پ پ ضلعي نائب صدر سيد قادر ڏنو شاهه شيرازي، سيد غلام عباس شاهه شيرازي جي آمد دوران عوامي سمنڊ اٿلي پيو شاندار استقبال سان گڏ گلن جي ورکا ڪئي وئي، ٻچل شاهه پاران سيد اياز علي شاهه شيرازي ۽ شاهه حسين شاهه شيرازي کي سنڌ جي ثقافت پٽڪو ٻڌرايو ويو ۽ شهرين پاران شيرازي ڀائرن کي لنگين ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا. ان موقعي تي ايم اين اي سيد اياز شاهه شيرازي عوامي ميڙ کي خطاب ڪندي چيو ته سجاول شهر واسين جا شڪر گذار آهيون جن اسان جو تاريخي استعقبال ڪيو گذريل بلدياتي اليڪشن ۾ پارٽي اسان کي ٽڪيٽ ڏني جنهن ۾ اسان جا اميدوار وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيا، اميدوارن کي ڪٽائڻ تي سجاول واسين کي منهنجي والدالحاج مرحوم سيد اعجاز علي شاهه شيرازي جي نالي سان منصوب پبلڪ پارڪ تحفي طور مهيا ڪري ڏنو ويو آهي منهنجي ڪوشش آهي ته اڃا به پارڪ کي وڌ کان وڌ سهولت مهيا ڪري ڏنيون وڃن. اياز علي شاهه شيرازي چيو ته هي پبلڪ پارڪ سجاول شهر واسين لاءِ نه پر پوري ضلع جي عوام لاءِ تفريح گاهه آهي. جتي ٻري ڪان آيل مسافر روڊن ۽ رستن تي دربدر ٿيڻ بدران پارڪ ۾ سڪون سان وهي سگهن، سيد اياز علي شاهه شيرازي چيو ته اسان شيرازي ڀائرن جون خدمتون ڪنهن کان به لڪيل نه آهن اسان جي وڏن به سڄي عمر عوام جي خدمتن ۾ گذاري ۽ انشاالله اسان جو ايندڙ نسل به عوام جي دل کولي خدمتون ڪندا. هن وڌيڪ چيو ته گذريل طوفاني برساتن ۾ درياءَ جي صورتحال تمام خراب هئي وڏي ٻوڏ جهڙو خطرو پيدا ٿي ويو اتي به شيرازي ڀائرن ڏينهن رات هڪ ڪري بندن جي نگراني ڪئي. پر الله جي فضل ڪرم سان ۽ عوام جي دعوائن سان ڪاميابي ملي، هن چيو ته اسان تي تنقيدون ڪرڻ وارن کي خبر پئجي وئي هوندي ته عوام ڪنهن سان گڏ آهي، تقريب جي آخر ۾ رنگارنگي شاندار پروگرام شروع ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي نالي وارن راڳين ۽ مزاحيه فنڪارن پنهنجن پنهنجن فنن جو بهترين مظاهرو ڪيو ۽ داد حاصل ڪيو

بقايا سنڌيار 11

جنهن ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر نوشهرو فيروز ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙو ربين ڪاٽي دعا گهري ان موقعي تي ADHO ڊاڪٽر سڪندر علي عباسي، ADHO ڊاڪٽر عبدالستار ٻلال، ڊاڪٽر حاڪم علي جوکيو ڊاڪٽر رحمت الله سيال، THO ڊاڪٽر عبدالستار گهانگهرو، چيف ميڊيڪل آفيسر مورو وجيهه الدين ميمڻ، پروفيشنل پيراميڊيڪل سنڌ جي فنانس سيڪريٽري محمد يونس وسڻ، اعجاز ممنائي، ضلعي صدر اشرف قريشي، سلطان جوڻيجو خليق احمد وسڻ، LHS حسينه لاشاري، صفوره، نسيم، زبيده، عائشه ۽ ٻين چيو ته سڌوجه ۽ آسپاس صحت جون سهولتون سموري ضلعي کان وڌيڪ ملي رهيون آهن ان جو سبب اهو آهي ته هتان جو عوام باشعور آهي ۽ هن اسپتال جو عملو پنهنجي ماڻهن جي ڀلي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيو آهي جيڪڏهن هر علائقي واسي پنهنجي ماڻهن جي خدمت لاءِ جاڳوڙ ڪن ۽ شعوري مهم هلائي ماڻهن ۾ بيداري پيدا ڪن ته جيئن ڪين صحت جون بنيادي سهولتون ملي سگهن ان تقريب ۾ آيل مهمانن کي اجرڪ ٽوپي ۽ گلن جا تحفا پيش ڪيا ويا ۽ مانجهاندي جو اهتمام ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 12

بورڊ علي رضا انصاري، ميونسپالٽي، روينيو آفيسرن ۽ چائنيز ڪمپني جي آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي، صفائي سٿرائي جو سامان پڻ ورهايو ويو جڏهن ته منصوبي جي ڪاميابي لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي، تقريب دوران ڊي آءِ جي سربراهه اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن کي ٻڌايو ويو ته روهڙي ۾ صفائي سٿرائي جا انتظام سنڀالڻ ڪانپوءِ چيني ڪمپني ۽ سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ سکر ۾ به صفائي سٿرائي جو انتظام ڪندا. جڙيل شهرن سکر ۽ روهڙي کي صفائي واري ڪم لاءِ ڇهن زونن ۾ ورهايو ويو آهي. روزانو 401 ٽن ڪچرو گڏ ٿيندو آهي جنهن کي نه رڳو ڪٺايو ويندو پر ان کي تلف ڪرڻ لاءِ جديد مشينري پڻ استعمال ڪئي ويندي. جڏهن ته سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير عرفان دائود پوٽو جي فوڪل پرسن جو چوڻ هو ته سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير جي ڪوشش ۽ ڪوشش سان ناصر حسين شاهه ٻهراڙين جي شهرن روهڙي ۽ سکر کي صاف سٿرو ۽ خوبصورت بڻائڻ لاءِ ڪم شروع ڪيو هو هو بنهي شهرن جي ترقي لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن

بقايا سنڌيار 13

پاران ايس ايس پي بدين کان واقعي بابت انڪوائري ڪري رپورٽ گهري آهي، جنهن بعد ايس ايس پي بدين شاهنواز چاچڙ پاران سنگيتا ڪولهڻ جي واقعي تي سينئر پوليس آفيسر محمود پوٽ جي اڳواڻي ۾ انڪوائري ڪميٽي جوڙي وئي آهي جڏهن ته گرفتار ڪيل پريمي جوڙي کي ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ بجاءِ مائٽن حوالي ڪري ڇڏڻ تي ايس ايس پي بدين ڏيئي ٿاڻي جي ايس ايچ او محمد خان ڪلوئي ۽ ٿاڻي جي وڏي منشي کي معطل ڪري ڇڏيو آهي، ٻي طرف سڙي فوت ٿيل ناري جو والد ڌارشي ڪولهي ۽ والده پڻ گم ٿي ويا آهن جن سان ڪوبه رابطو ٿي ڪونه پيو سگهي.

بقايا سنڌيار 14

۾ ضلعي نوشهرو فيروز جي پنجن يي تعلقن جي اميدوارن شرڪت ڪيO جتي اميدوارن ميڊيا اڳيان ڳالهائيندي چيو ت 2021 ۾ آءِ بي اي ٽيس پاس ڪندڙ اميدوارن کي 3 سال گذرڻ باوجود ب آفر آرڊر ناهن مليا اسان تمام ڏکي ٽيسٽ ڏيي ميرٽ جي بنياد تي پاس ٿيا هياسين پر هن وقت تايين تعليم جي وزير ۽ سنڌ سرڪار پاران اسان کي نظر انداز ڪيو پيو وڃي جڏهن ت سکر سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ڊبل بينچ جسٽس صلاح الدين پنهور ب سيني ڊي آئي او کي نوٽيس جاري ڪندي حڪم ڏنو هو ت ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن کي فورن آفر آرڊر ڏنا وڃن ۽ بند پيل اسڪول کولرايا وڃن پر اعلي عدالتن جي حڪم نامي جي انحرافي ڪري اسان کي هن مهل تايين آفر آرڊر ناهن ڏنا ويا ۽ ن وري بند پيل اسڪول کولريا ويا آهن جڏهن ت بند پيل اسڪولن جي ايس اين اي ب منظور ناهي ڪيي ويي هنن مطالبو ڪندي چيو آهي ت فورن بند پيل اسڪول کولرايي انهن جي ايس اين اي جاري ڪيي وڃي ۽ لڪايل سيٽون ظاهر ڪيون وڃن ۽ ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن کي فورن آفر آرڊر ڏيي نوجوانن مان بيچيني دور ڪيي وڃي ن ت ٻيي صورت ۾ اسين احتجاج جو دايرو اجان وسيع ڪنداسين0

بقايا سنڌيار 15

آهي ته باثر منور ڪيريو، علي گوهر، علي حيدر، علي حسن، اختر، اصغر ڪيريو مختلف طريقن سان حق ۽ سچ چوڻ تي مڃرجي گهرن ۾ داخل ٿي مارڪٽ ڪرڻ سميت جان کان مارڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏين ٿا. ڪيترائي ڀيرا زخمي ڪيو ويو علائقي جي معززين سميت پوليس عملدارن کي پڻ وقتن به وقتن دانهيون ڏيندو رهيو آهيان ليڪن منهنجي ڪير به ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي. ڪڏهر پوليس پڻ باثرن سان پٽ ٻٽيل آهي، هن ڊي آئي جي، ايس ايس پي ۽ ٻين اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته باثرن کي ڏاڍ ۽ ظلم مان نجات ڏياري مونکي ٻچن سميت تحفظ فراهم ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ نوابشاهه پريس ڪلب آڏو پنهنجي سمورن ٻچڙن سميت مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال ڪندس.

بقايا سنڌيار 16

اڪان ڊجيٽل آدمشماري جي مخالفت ڪندي چيو هو ته اهو هڪ فراڊ ۽ دوکو آهي سنڌي ماڻهن جي پيرن هيٺان ڌرتي ڪسڻ جي لاءِ ڪيو پيو وڃي. جڏهن ملڪ معاشي طرح ڏيواليئي جو شڪار هجي ان وقت پنجاهه اربين رپين جي خرچ سان آدمشماري ڪرائڻ جو مقصد سنڌي ماڻهن جي آبادي سنڌ ۾ ٿورائي ۾ ڏيکاري مستقل سنڌ جي مٿان قبضو ڪري سگهجي، هن چيو ته آدمشماري جي خلاف جسم جدوجهد جو آغاز ڪيو هن وقت سنڌ جون پيو قومپرست پارٽيون به ان جي مخالفت ڪن پيون. هن چيو اقتدار جي خاطر سڌائين سنڌ جا مفاد ٽين وال ڪندڙ بلاول ڀٽو زرداري ۽ وزيراعلي سنڌ به اهو چوڻ تي مجبور ٿيا آهن ته آدمشماري سنڌين جي خلاف آهي. آدمشماري غلط ٽائيم تي ڪئي پئي وڃي پر اسان سمجهون ٿا ته پيپلزپارٽي جا ان جي پويان مستقل مفاد ٻيٺل آهن چوته پيپلزپارٽي سنڌ جي معاملن لاءِ ڪڏهن به سنجيدگي سان اسٽينڊ نه ورتو آهي، هن چيو ته بک ۽ بيروزگاري ڏينهون ڏينهن وڌندي وڃي ماڻهو خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور آهن. گذريل ٻوڏ دوران ماڻهن جو ڪروڙين رپين جو نقصان ٿيو پر حڪومت جي ڪن تي جونءِ به نه چري، هن چيو ته موسمياتي ماهرن موجب هن سال وڌيڪ برساتن جي اڳڪٿي ڪئي آهي پر نئون ڪوٽ ڀرسان گذرندڙ راڪاس ايل بي او ڊي سر نالي ۽ پراڻ ۽ هاڪڙي دريا تي ٽڪي جو ڪم نه پيو ڪرايو وڃي، جنهن جي ڪري وري هن علائقي کي ٻڏڻ جو خطرو برقرار آهي، هن چيو ته حڪومت تڪڙن بنيادن تي هاڪڙي درياءَ ۽ ايل ايل بي او ڊي ڪاٽي ۽ اصل وهڪرا بحال نه ڪيا ته ايندڙ برساتن ۾ ٻيهر هي علائقو ٻڏندو هتان جي علائقي واسين جو ڪروڙين رپين جو نقصان ٿيندو

بقايا سنڌيار 17

جي ورڪرن راجا فيصل سومرو ناظر حسين پنهور عبدالجبار راڄپر سرمد ڪيريو عرفان مير ڪلو ۽ ٻين احتجاج ڪندي دانهيندي چيو ته اسان ناروشاهه شهر جا استاد آهيون اساڪي ناروشاهه کان پري جي علائقن ۾ آدم شماري لاءِ موڪليو ٿو وڃي جنهن ۾ ٽرانسپورٽ جو ڪو به بندوبست نه ڪيو ويو آهي پنهنجون گاڏيون ڪڍي آدم شماري ڪري رهيا آهيون اساڪي تيل جا به پيسا نٿا ڏنا وڃن ۽ سيڪورٽي جي حوالي سان بنا هٿيارن جي پوليس اهلڪار ڏنا ويا آهن جيڪي به ڪوبه تعاون ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن هنن مطالبو ڪندي چيو ته فوري طور ٽرانسپورٽ جو مسئلو حل ڪري سيڪورٽي جا انتظام بهتر ڪيا وڃن نه ته ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 18

ايڊمنسٽريٽر اوقاف علي گل سنجراڻي سان گڏ سنڌ جي مشهور بزرگ حضرت عبدالله شاهه اصحابي جي مزار تي چادر چاڙهي 380هين سالياني عرس مبارڪ جي تقريب جو افتتاح ڪرڻ بعد ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي ڪيو ان موقعي تي سڪيورٽي انتظامن بابت صحافي جي سوال جي جواب ۾ وزير اعليٰ سنڌ جي خاص مددگار سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو ته ٺٽو هڪ پرامن ضلعو آهي، ان جي باوجود سيڪيورٽي جا بهتر انتظام ڪيا ويا آهن. سنڌ جي ٻوڏ متاثرن جي وفاقي حڪومت پاران مدد نه ڪرڻ سبب پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري پاران وزارت تان استعيفيٰ ڏيڻ بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ٻوڏ دوران سڀ کان وڌيڪ نقصان سنڌ جو ٿيو هو ۽ سنڌ جي آبادگارن کي ڪڻڪ جي فصل جي مد ۾ 13 ارب روپين جي مالي امداد فراهم ڪرڻي هئي، ان ڏس مد ۾ 5 ارب روپيا سنڌ حڪومت جڏهن ته 8 ارب روپيا وفاق کي ڏيڻا هئا. جيڪي اڃا تائين وفاقي حڪومت فراهم نه ڪيا آهن جڏهن ته سنڌ ۾ ڪڻڪ جي ڪٽائي به شروع ٿي چڪي آهي. ان حوالي سان پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته اسان ويٺا به وفاق ۾ آهيون ۽ سنڌ جي هارين جي مدد لاءِ وفاق کان پئسا به نه پيا ملن ته پوءِ اهڙي وزارت مان ڪهڙو فائدو. بلاول ڀٽو زرداري صرف ايترو چيو آهي ته اسان پاڪستان جي وزيراعظم سان ڳالهائينداسين ته اسنا جا جيڪي به سنڌ جا جائز فنڊ آهن اهي ڏنا وڃن. هن چيو ته ثقافت کاتي واري وزير سان مڪلي قبرستان ۾ مقامي ماڻهن کي دفنائڻ تي پابندي واري معاملي تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي ۽ اميد آهي ته اهو مسئلو جلد حل ٿي ويندو. ملڪ ۾ مهانگائي بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ هن چيو ته سڄي دنيا ۾ مهانگائي جي لهر آهي ۽ پاڪستان ۾ به مهانگائي جو وڏو مسئلو آهي پر سنڌ ۾ روزمرهه جي استعمال واري شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي لاءِ وڏي وزير سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي ته جيئن سڄي صوبي ۾ اٽي سميت ٻين کاڌي پيتي جي شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي. هن چيو ته عمران خان چوي ٿو ته قانون سڀني لاءِ برابر هجڻ گهرجي پر عدالت جي حڪم باوجود جڏهن پوليس کيس گرفتار ڪرڻ لاءِ وئي ته هُن گرفتاري نه ڏني، جيڪڏهن عمران خان ليڊر آهي ته قانون هٿ ۾ کڻڻ بجاءِ کيس گرفتاري ڏيڻ گهرجي ها. ان موقعي تي اوقاف کاتي جي چيف ايڊمنسٽريٽر علي گل سنجراڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته درگاهن تي زائرين ۽ عقيدتمندن کي هر قسم جون سهولتون فراهم ڪرڻ اوقاف کاتي جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي، درگاهن جي احاطي ۾ ڪنهن به قسم جو غلط استعمال ٿيڻ نه ڏنو ويندو هن چيو ته حضرت عبدالله شاهه اصحابي جي سالياني عرس مبارڪ جي موقعي تي سڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا آهن، زائرين کي سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ لاءِ واڪ ٿرو گيٽس کان علاوه ليڊيز پوليس، پوليس ۽ رينجرز جا جوان به ڊيوٽي سرانجام ڏيندا. هن چيو ته اوقاف کاتي پاران زائرين ۽ عقيدتمندن جي سهولت لاءِ فري طبي امداد لاءِ طبي ڪئمپ، پيئڻ جي صاف پاڻي، واش رومز ۽ وضو سميت ٻين گهربل سهولتن جي فراهمي کي پڻ يقيني بڻايو پيو وڃي ته جيئن ڪين هر قسم جون ضروري سهولتون فراهم ڪري سگهجن جڏهن ته لنگر جو به بندوبست ڪيو ويو آهي ان موقعي تي مينيجر اوقاف محمد نواز پناهه ۽ ٻين کاتن جا آفيسر پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 19

مري سان شادي ٿي هئي ۽ هڪ مهينو مونکي مڙس استعمال ڪري گهر مان تشدد ڪري ڪڍي ڇڏيو آهي جڏهن ته مڙس تمام گهڻو عياش آهي ۽ هو عياش ماڻهو گهر ۾ وٺي ايندو هيو ته هنن سان به مل جنهن تي مان انڪار ڪيو ته هن مونکي تشدد ڪيو جڏهن ته مان انصاف لاءِ عدالت جو دروازو کڙڪايو جتي عدالت مونسان انصاف ڪيو ۽ پوليس کي حڪم ڏنو ته مونکي ۽ منهنجي مائٽن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي پر بي سيڪشن پوليس مون نياڻي سان انصاف ڪرڻ بجاءِ جوابدار منهنجو مڙس گل خان مري جيڪو ڪروڙ پتي آهي هن کان پيسا وٺي منهنجي امڙ، والد، ڀاءُ ۽ مونتي ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي جنهن جي ڪري اسان سخت پريشان آهيون هن چيو ته منهنجو مڙس پيسي وارو آهي ۽ هن جا ڏوهاري قسم جي ماڻهن سان تعلقات آهن هن جي ڪري مونکي ۽ منهنجي گهروارن کي ان مان جان جو خطرو آهي اسان پنهنجي جاءِ ڇڏي دربدر آهيون پر پوليس اسان سان انصاف نٿي ڪري هن چيو ته منهنجو مڙس منهنجي زندگي تباهه ڪري ڇڏي آهي ۽ مان پيٽ سان پڻ آهيان منهنجي اعليٰ عدالتن وزير اعظم پاڪستان وزير اعليٰ سنڌ آئي جي سنڌ ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي کان مطالبو ٿي ڪيان ته جوابدارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ مونسان انصاف ڪيو وڃي ته اگر مونکي ۽ منهنجي خاندان کي ڪو به نقصان پهتو ته ان جو ذميوار گل خان مري هوندو

بقايا سنڌيار 20

76 ايڪڙ 29 گهنٽا جيڪا ديهه چويندي واسو شاهه تپو ڪاريون، تعلقو ۽ ضلعو سجاول ۾ واقع آهي. جيڪا ڪاتيدار نالي سندس پٽ حاجي مدثر پارهيڙي جي نالي ڪرائي ويئي آهي، جنهن زمين تي اتان جي ڳوٺ محمد صديق لونيو جي رهواسي قبضاگير پرائمري ماستر گل حسن لونيو طاقت جي زور تي قبضو ڪري زمين کي لوڙهو ڏياري ان ۾ ڪچا گهر قائم ڪري هٿيار بند ماڻهون ويهاري ڇڏيا آهن. جنهن ڪري ڪشيدگي وڌي وڃڻ ڪري خونريزي جو پڻ انديشو آهي، حاجي انور پارهيڙي انڪشاف ڪندي چيو ته مذڪور زمين پهريان گل حسن لونيو وٽ 01.03.2022 کان 01.11.2023 تائين مقادعي ۾ هئي، جنهن جي مقادعي جا ڪيس 30 لک روپيه 31.01.2023 تائين ادا ڪرڻا هئا. جيڪي به هن ادا ناهن ڪيا ۽ نه ئي هو قبضو ڏو خالي ڪري، هن چيو ته قبضاگير پرائمري ماستر گل حسن لونيو هن کان اڳ به ڪافي ماڻهن جي زمينن تي قبضا ڪرڻ سميت هو پنهنجي ڊيوٽي به ادا نٿو ڪري، جنهن جو تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين کي نوٽيس وٺڻ گهرجي، هن چيو ته مذڪور باثر قبضاگير خلاف هن کان اڳ به ڪافي دانهون ڪوڪون ڪرڻ سان گڏ ميڊيا تي به دانهون اهي، پر هن قبضاگير خلاف ڪا به ڪاروائي ٿي ناهي سگهي، هن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي سجاول، تعليم کاتي جي صوبائي وزير، DEO ايجوڪيشن سجاول سميت سمورن وس وارن کي اپيل ڪئي ته ساڻن انصاف ڪري سندن پٽ جي سروي زمين تي ٿيل قبضو خالي ڪرائي زمين سندن حوالي ڪري رهيل زمين جي مقادعي جا 30 لک روپيه ڪين واپس ڪرائي گل حسن لونيو ۽ سندس ساٿارين خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪرڻ سان گڏ انصاف لاءِ عدالت ۾ ويندس. ٻئي طرف حاجي انور پارهيڙي جي پٽ حاجي مدثر پارهيڙي سان زمين وکرو ڪندڙ زميندار عمران علي خواجه ولد خادم علي خواجه جو چوڻ هو ته هن قبضاگير گل حسن لونيو سان ڪا به زمين وکرو ناهي ڪئي، جنهن 01.03.2022 کان اڳ سندس زمين جي مقادعي جا پڻ 30 لک روپيه هڙپ ڪري ويو آهي، هن چيو ته مون زمين حاجي انور پارهيڙي سان وکرو ڪئي آهي، جيڪوئي ان زمين جو اصل مالڪ آهي، هن پڻ باثر قبضاگيرن خلاف ڪاروائي جي گهر ڪندي زمين تي ٿيل قبضو خالي ڪرائي زمين جو قبضو ڪاتيدار حاجي مدثر ولد حاجي انور پارهيڙي جي حوالي ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 21

ڏيندي چيو ته سڄي ضلعي ۾ تعمير خلق فائونڊيشن جي طرفان ٺٽي ۾ غير رسمي تعليم ٺٽي لٽريسي ريٽ جي شرح وڌائڻ سميت ڇوڪرين جي جلد شادي تي ڪم ڪيو پيو وڃي. ميڊم نگهت سلطانه وڌيڪ چيو ته هن وقت خدمت خلق فائونڊيشن پاران ٺٽي ضلعي جي ڇئني تعلقن ۾ 70 سينٽر قائم ڪيا ويا آهن. جن ۾ 42 سينٽر نياڻين جا قائم ڪيا ويا آهن جڏهن ته ڇوڪرن لاءِ 28 سينٽر قائم ڪيا ويا آهن. جن ۾ ٻارن کي غير رسمي تعليم ڏني پئي وڃي، ميڊم نگهت سلطانه وڌيڪ ٻڌايو ته اهو پروجيڪٽ گذريل سال جون 2022 ع تي شروع ڪيو ويو هو. جيڪو ايندڙ سال ڊسمبر 2024 ع تائين جاري رهندو ميڊم نگهت سلطانه وڌيڪ ٻڌايو ته اهو پروجيڪٽ هڪ غير سرڪاري تنظيمن سيو دي چلڊرن جي مالي مدد سان جاري آهي انهي موقعي تي تنظيم جو صوبائي ڪوآرڊينيٽر ساجد نديم ۽ تنظيم جا ٻيا عهديدار پڻ موجود هيا تقريب ۾ اجرڪ نيوز گروپ جي چيف ايگزيڪيوٽو جاويد لطيف ميمڻ ـ ٺٽو پبلڪ پريس ٺٽو جي صدر ممتاز سميجو نائب صدر ساجد شيخ ـ عزير پٽو ـ ڊپٽي ڊائريڪٽر چائلڊ پروٽيڪشن خدا بخش ٻهراڻي. اسسٽنٽ ڊائريڪٽر مهرين سومرو، هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان ٺٽو جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ امجد پليجو ـ تعليم کاتي جي ڊي اي اوز عوامي پريس ڪلب ٺٽو جي صدر بلاول سمون سميت صحافين جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب جي آخر ۾ تعمير خلق فائونڊيشن سنڌ جي صوبائي ڪوآرڊينيٽر ساجد نديم ضلعي ڪوآرڊينيٽر ميڊم نگهت سلطانه پاران آيل مهمانن کي سنڌي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا

بقايا سنڌيار 22

جا ڪيس داخل ٿيل آهن. جنهن جي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون. هوڏانهن زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيل ڏوهاري کي پوليس جي سخت پهري هيٺ تعلقه اسپتال ڏوڪري مان طبي امداد بعد لاڙڪاڻو اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي انهي موقعي تي ايس ايچ او ڏوڪري سجاد احمد پٽي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڏوڪري پوليس کي رات دير سان ڳجهو اطلاع مليو ته ڏوهاري ڦرجي ارادي سان وهٽي روڊ تي ڪوڪر قبرستان ڀرسان ويٺل آهن. پوليس جيئن اطلاع واري هنڌ پهتي ته ڏوهارين فائرنگ شروع ڪري ڏني، جوابي فائرنگ ۾ هڪ ڏوهاري مسعود عرف مقصود پٽ رضا محمد گاڏهي زخمي ٿي پيو جڏهن ته سندس 3 ساٿي فرار ٿي ويا. هن چيو ته گرفتار ڏوهاري وٽان هڪ پسٽل پڻ هٿ ڪيو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 23

۽ ٻين چيو ته گلشن سليمان پاڙي ۾ اسلام خاتون، ٻبلو سولنگي، سعيد، حسن، عظيم مبينا جسم فروشي جو سري عام اڏو هلائي رهيا آهن، جنهن ڪري هر روز پاڙي ۾ نوجوان شراب جي نشي ۾ ڌت ٿي گهرن ۾ گهڙن ٿا جنهن تان جهيڙا ٿي رهيا آهن ۽ اسان جي نياڻين جو گهران نڪرڻ محال ٿي ويو آهي. ڪڌو ڌنڌو روڪڻ تان جسم فروشي جو اڏو هلائيندڙ باثر موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. هنن چيو ته فحاشي جو اڏو بند ڪرڻ جو چيو ته فحاشي فروشن پاڙي وارن عبدالنبي ناٿج ۽ ٻين مٿان فائرنگ ڪري ڏني، حد جي پوليس پڻ مڪمل خاموش آهي. گلشن سليمان ڪالوني ۾ سوين گهر موجود آهن جيڪي هر روز اذيت ڪي منهن ڏئي رهيا آهن. هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته علائقي ۾ فحاشي جا اڏو بند ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان شريف ماڻهن کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ آيس ايس پي آفيس جي گيٽ ۽ دادو پريس ڪلب آڏو سڄي ڪالوني جا رهواسين سخت احتجاج ڪندا.

بقايا سنڌيار 24

مهنگائي بدامني ڊيجيٽل آدمشماري ڌاري آبادڪاري ۽ سنڌجي ٻرندڙمسئلن خلاف 20 ڏينهن اڳ سکر کان پيرين پنڌنڪتل سنڌمارچ قافلو روشن ٻرڙو، سيد منير حيدر شاهه، جگديش آهوجه، امير آزاد جي اڳواڻي ۾ متياري پهچي ويو جتي جي ڊي اي ضلعي متياري اڳواڻ سيدحسن مرتضاشاهه سيدسڪندرشاهه، آوازحق اتحاد جي پيرعلي شيرسرهندي ۽ ٻين مختلف پارٽين جن ۾ جسقم، تحريڪ انصاف ڌرتي ڌڻي تحريڪ، قومي عوامي تحريڪ ايس ٽي پي جي ماڻهن سنڌ مارچ قافلي مٿان گلن جي ورکا ڪري شاندار استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي سنڌمارچ کي خطاب ڪندي ايس يو پي اڳواڻ روشن ٻرڙو، امير آزاد سيد منيرحيدرشاهه، ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته پيپلزپارٽي سنڌ کي تباهه ڪري ڇڏيو آ ڪرپشن زرعي سنڌجي ٻيڙيڻ ڪئي وئي آهي ۽ هاڻ سنڌي ماڻهن جي دلين ۾ پيپلزپارٽي خلاف چڙ نفرت ڪاوڙ پيدا ٿي وئي آ پيپلزپارٽي جي ڊرامي بازي واري سياست کي ختم ڪري ماڻهن کي سجاڳي سڏ ڏيڻ لاءِ نڪتا آهيون ۽ عوامي رد عمل اچڻ کان پوءِ آدمشماري وارو معاملي تي پيپلزپارٽي ڊرامي بازي پئي ڪري وفاق ۾ ۽ سنڌصوبي ۾ پيپلزپارٽي ويٺل آ هنن چيو تي 15 سالن ۾ ڪراچي کان ڪشمور تائين سنڌجي وسيلن جي ڦرلٽ پينگ ڪئي اٿن ۽ ڌاري آبادڪاري وڌائي وئي آهي سنڌمارچ جو مقصد آته سنڌي ماڻهون ڪنهن جابر قرضي ناهن پنهنجي حقن لاءِ آواز اٿارين ۽ جدوجهد ڪن جنهن کان پوءِ سنڌمارچ قافلو متياري مان ٿيندي حيدرآباد ڏانهن پنهنجي منزل ڏي روانو ٿي ويو

بقايا سنڌيار 25

ڪمشنر دادو ڊاڪٽر شاهنواز ميراڻي شهر ۾ غيرقانوني حدخلين کي هٽائڻ لاءِ اسٽيشن روڊ، نيو چوڪ تي دڪانن جي سامهون روڊ تي رکيل مختلف قسمن جو سامان هٽرائي ۽ دڪان اندر سنڌن سامان رکرائيو ۽ دڪاندارن کي به هدايتون جاري ڪيون ويون ته اسسٽنٽ ڪمشنر دادو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته عوام جي شڪايتن جي بنياد تي شهر ۾ مقرر ڪيل قيمتن جي لسٽ مطابق ماڻهن کي شيون مهيا ڪيون وڃن ۽ روزاني قيمتن ۾ تبديلي ڪئي وڃي وڌيڪ آڳهه وٺندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي آهي جڏهن ملڪ ۾ مهانگائي آهي ته مٿان وري ناجائز منافع خورن مهانگائي وڌائي غريب مزدورن جي زندگي اجيرن ڪئي ڇڏي آهي. عوام کي دوکو ڏيندڙن کي ڪڏهن به نه بخشيو ويندو

بقايا سنڌيار 26

مظاهرو ڪيو ان موقعي تي عبدالوحيد سهتو عمار جوکيو اسرار عباسي محمد حسن عبدالرزاق ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته مردم شماري ۽ آدمشماري ٽيمن لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنر کي ٽرانسپورٽ لاءِ فنڊ جاري ٿيل آهن پر اي سي اسان کي قومي فرض ادا ڪرڻ لاءِ ٽرانسپورٽ جي سهولت مهيا نه پيو ڪري ۽ اسان کي اڄ وچ ۾ سخت مشڪلاتون درپيش آهن هنن وڌيڪ چيو ته اسان اي سي آفيس جا چڪر ڪاٽي رهيا آهيون پر اي سي آفيس ۾ اچي ٿي ڪون ٿو هنن ڊي سي نوشهروفيروز سميت ٻين کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي اسان کي قومي فرض پورو ڪرڻ لاءِ ٽرانسپورٽ جي سهولت ڏني وڃي ٻي صورت ۾ بائيڪاٽ ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 27

ٺي شهرين جون زندگيون داءِ تي لڳائي ڇڏيون. خبر موجب : گذريل ڏينهن گمبٽ جي ڳڙ منڊي جي واپارين غلام حيدر شيخ سنتوش ڪمار سنيل ڪمار عرف گلو گذريل ڏينهن برساتن پوڻ سبب گدامن ۾ پيل هزارين من ڳڙ مٺائي جيڪي برسات توڙي ڊرينج جي گندي پاڻي جي لپيٽ ۾ اچڻ سبب زهريلي ۽ بدبودار بڻجي وئي هئي اهڙي ناڪارا ڳڙ مٺائي کي مذڪوره واپاري لالچ ۾ اچي ملاوٽ ڪري رهيا هيا ته صحافين اهڙي شڪايت ڊپٽي ڪمشنر خيرپور کي ڪئي ايس ڊي ايم گمبٽ کي ڇاٺايل ڳڙ مٺائي جا گدام سيل ڪرڻ جو حڪم ڪيو ليڪن ايس ڊي ايم جي سامهون مذڪوره واپارين شٽر بند هڙتال ۽ احتجاج ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ شروع ڪيون دڪان سيل ب جاءِ زهريلي بدبودار مٺائي ضبط ڪرڻ جي بجاءِ انهن کي ضايع ڪرڻ جو چٽي 24 ڪلاڪن جو مدو ڏنو اهڙي مهلت ملڻ بعد زهريلي بدبودار ملاوٽ ڪندڙ واپارين پيرڳوٺ سميت ضلعي خيرپور جي مختلف شهرن ڏانهن لوڊرن ۽ چنگچن ذريعي اماڻي وئي اهڙي عمل تي گمبٽ جا شهري پريشان ۽ حيران ڪن آهن ته اهڙن ملاوٽ ڪندڙن واپارين ۽ انتظاميا جي لاپرواهي سبب پيرڳوٺ سميت ضلعي جي ڪيترن شهرجي عوام جون زندگيون داءِ تي لڳئي ويون آهن انڪري گمبٽ جي صحافين سماجي ڪارڪنن ۽ عوام جسٽس هاءِ ڪورٽ سکر ڪمشنرسکر ڊپٽي ڪمشنر خيرپور کي اپيل ڪئي آهي ته اهڙي ڪاري ڌنڌي ڪندڙن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي عوام جون زندگيون بچايون وڃن

بقايا سنڌيار 28

ويو آهي، 12 ڏينهن اڳ بي شيڪشن ٿاڻي جي حد مان اغوا ٿيل جاويد گولو ۽ برڪت مريٽو جي وارثن سياسي اڳواڻن اڪرم باجڪاڻي ، دلمراد ڏاهاڻي، بشير حيدري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ گولا برادري پاران ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو گنڌا گهرجوڪ ڪان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي، ريلي ڪڍي وئي ۾ شرڪت ڪندڙ مظاهرين ۽ سياسي اڳواڻ جوچوڻ آهي ته ڀنگ لاءِ اغوا جا واقعا پيش اچڻ شروع ٿي ويا، آهن پوليس يرغمالين کي بازياب ڪرائڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي چڪي آهي پوليس جي بي حسي ڏسي افسوس جوڳو عمل آهي، آءِ جي سنڌ ايس ايس پي ڪشمور کان مطالبو ڪيون ٿا ته برڪت مريٽو ۽ جاويد گولو سميت سمورن مغوين کي جلد کان جلد بازياب ڪرايو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 29

ته زندگي ڪيس ايترو آزمايي امتحان وٺندي سندس تعليمي سفر جو آغاز ڳوٺ آچار خاصخيلي کان ٿيو جنهن ڳوٺ ۾ شعور جي ڪميءَ سان گڏو گڏ بنيادي سهولتون بلڪل به نه هيون ابتدايي تعليم ان ڳوٺ جي پرايمري اسڪول مان وٺڻ کانپوءِ نظير سولنگي مثبت طور اڳتي وڌڻ شروع ڪيو جنهن گهر سان سندس تعلق آهي ان ۾ تقريبن سڀيي پاير گورنمينٽ جي ملازمت هيا بس هڪ نظير سولنگي جنهن جو مزاج ۽ سوچ سڀني کان منفرد هيڻ ڪري پاڻ گهر ڀاتين کان به منفرد رهيو ۽ سندس سفر اونداهيءَ کان روشنيءَ طرف شروع ٿيو تعليم مڪمل ڪرڻ کانپوءِ پاڻ پنهنجي پيرن تي بيهڻ لاءِ مايڪروفاينانس جي دنيا ۾ پير رکيو ۽ اپنا مايڪرو فاينانس بينڪ کي بطور ڪسٽمر رليشن شپ آفيسر جوائن ڪيو سارو ڏينهن اج ۽ بڪ تي مارڪيٽنگ ڪرڻ مهيني جي آخر تايين پنهنجو هدف مڪمل ڪرڻ عملي طور ڏاڍو ڏکيو آهي پر *نظي

بقايا سنڌيار 30

ايڊمنسٽريٽر اوقاف علي گل سنجراڻي سان گڏ سنڌ جي مشهور بزرگ حضرت عبدالله شاهه اصحابي جي مزار تي چادر چاڙهي 380هين سالياني عرس مبارڪ جي تقريب جو افتتاح ڪرڻ بعد ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي ڪيو ان مرقعي تي سڪيورٽي انتظامن بابت صحافي جي سوال جي جواب ۾ وزير اعليٰ سنڌ جي خاص مددگار سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو ته ٺٽو هڪ پرامن ضلعو آهي، ان جي باوجود سيڪيورٽي جا بهتر انتظام ڪيا ويا آهن. سنڌ جي ٻوڏ متاثرن جي وفاقي حڪومت پاران مدد نه ڪرڻ سبب پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري پاران وزارت تان استعيفيٰ ڏيڻ بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ٻوڏ دوران سڀ کان وڌيڪ نقصان سنڌ جو ٿيو هو ۽ سنڌ جي آبادگارن کي ڪڻڪ جي فصل جي مد ۾ 13 ارب روپين جي مالي امداد فراهم ڪرڻي هئي، ان ڏس مد ۾ 5 ارب روپيا سنڌ حڪومت جڏهن ته 8 ارب روپيا وفاق کي ڏيڻا هئا. جيڪي اڃا تائين وفاقي حڪومت فراهم نه ڪيا آهن جڏهن ته سنڌ ۾ ڪڻڪ جي ڪٽائي به شروع ٿي چڪي آهي. ان حوالي سان پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته اسان ويٺا به وفاق ۾ آهيون ۽ سنڌ جي هارين جي مدد لاءِ وفاق کان پئسا به نه پيا ملن ته پوءِ اهڙي وزارت مان ڪهڙو فائدو. بلاول ڀٽو زرداري صرف ايترو چيو آهي ته اسان پاڪستان جي وزيراعظم سان ڳالهائينداسين ته اسنا جا جيڪي به سنڌ جا جائز فنڊ آهن اهي ڏنا وڃن. هن چيو ته ثقافت کاتي واري وزير سان مڪلي قبرستان ۾ مقامي ماڻهن کي دفنائڻ تي پابندي واري معاملي تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي ۽ اميد آهي ته اهو مسئلو جلد حل ٿي ويندو. ملڪ ۾ مهانگائي بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ هن چيو ته سڄي دنيا ۾ مهانگائي جي لهر آهي ۽ پاڪستان ۾ به مهانگائي جو وڏو مسئلو آهي پر سنڌ ۾ روزمرهه جي استعمال واري شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي لاءِ وڏي وزير سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي ته جيئن سڄي صوبي ۾ اٽي سميت ٻين کاڌي پيتي جي شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي. هن چيو ته عمران خان چوي ٿو ته قانون سڀني لاءِ برابر هجڻ گهرجي پر عدالت جي حڪم باوجود جڏهن پوليس کيس گرفتار ڪرڻ لاءِ وئي ته هُن گرفتاري نه ڏني، جيڪڏهن عمران خان ليڊر آهي ته قانون هٿ ۾ کڻڻ بجاءِ کيس گرفتاري ڏيڻ گهرجي ها. ان موقعي تي اوقاف کاتي جي چيف ايڊمنسٽريٽر علي گل سنجراڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته درگاهن تي زائرين ۽ عقيدتمندن کي هر قسم جون سهولتون فراهم ڪرڻ اوقاف کاتي جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي، درگاهن جي احاطي ۾ ڪنهن به قسم جو غلط استعمال ٿيڻ نه ڏنو ويندو هن چيو ته حضرت عبدالله شاهه اصحابي جي سالياني عرس مبارڪ جي موقعي تي سڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا آهن، زائرين کي سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ لاءِ واڪ ٿرو گيٽس کان علاوه ليڊيز پوليس، پوليس ۽ رينجرز جا جوان به ڊيوٽي سرانجام ڏيندا. هن چيو ته اوقاف کاتي پاران زائرين ۽ عقيدتمندن جي سهولت لاءِ فري طبي امداد لاءِ طبي ڪئمپ، پيئڻ جي صاف پاڻي، واش رومز ۽ وضو سميت ٻين گهربل سهولتن جي فراهمي کي پڻ يقيني بڻايو پيو وڃي ته جيئن ڪين هر قسم جون ضروري سهولتون فراهم ڪري سگهجن جڏهن ته لنگر جو به بندوبست ڪيو ويو آهي ان موقعي تي مينيجر اوقاف محمد نواز پناهه ۽ ٻين کاتن جا آفيسر پڻ موجود هئا. ايڊمنسٽريٽر اوقاف علي گل سنجراڻي سان گڏ سنڌ جي مشهور بزرگ حضرت عبدالله شاهه اصحابي جي مزار تي چادر چاڙهي 380هين سالياني عرس مبارڪ جي تقريب جو افتتاح ڪرڻ بعد ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي ڪيو ان موقعي تي سڪيورٽي انتظامن بابت صحافي جي سوال جي جواب ۾ وزير اعليٰ سنڌ جي خاص مددگار سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو ته ٺٽو هڪ پرامن ضلعو آهي، ان جي باوجود سيڪيورٽي جا بهتر انتظام ڪيا ويا آهن. سنڌ جي ٻوڏ متاثرن جي وفاقي حڪومت پاران مدد نه ڪرڻ سبب پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري پاران وزارت تان استعيفيٰ ڏيڻ بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ٻوڏ دوران سڀ کان وڌيڪ نقصان سنڌ جو ٿيو هو ۽ سنڌ جي آبادگارن کي ڪڻڪ جي فصل جي مد ۾ 13 ارب روپين جي مالي امداد فراهم ڪرڻي هئي، ان ڏس مد ۾ 5 ارب روپيا سنڌ حڪومت جڏهن ته 8 ارب روپيا وفاق کي ڏيڻا هئا. جيڪي اڃا تائين وفاقي حڪومت فراهم نه ڪيا آهن جڏهن ته سنڌ ۾ ڪڻڪ جي ڪٽائي به شروع ٿي چڪي آهي. ان حوالي سان پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته اسان ويٺا به وفاق ۾ آهيون ۽ سنڌ جي هارين جي مدد لاءِ وفاق کان پئسا به نه پيا ملن ته پوءِ اهڙي وزارت مان ڪهڙو فائدو. بلاول ڀٽو زرداري صرف ايترو چيو آهي ته اسان پاڪستان جي وزيراعظم سان ڳالهائينداسين ته اسنا جا جيڪي به سنڌ جا جائز فنڊ آهن اهي ڏنا وڃن. هن چيو ته ثقافت کاتي واري وزير سان مڪلي قبرستان ۾ مقامي ماڻهن کي دفنائڻ تي پابندي واري معاملي تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي ۽ اميد آهي ته اهو مسئلو جلد حل ٿي ويندو. ملڪ ۾ مهانگائي بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ هن چيو ته سڄي دنيا ۾ مهانگائي جي لهر آهي ۽ پاڪستان ۾ به مهانگائي جو وڏو مسئلو آهي پر سنڌ ۾ روزمرهه جي استعمال واري شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي لاءِ وڏي وزير سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي ته جيئن سڄي صوبي ۾ اٽي سميت ٻين کاڌي پيتي جي شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي. هن چيو ته عمران خان چوي ٿو ته قانون سڀني لاءِ برابر هجڻ گهرجي پر عدالت جي حڪم باوجود جڏهن پوليس کيس گرفتار ڪرڻ لاءِ وئي ته هُن گرفتاري نه ڏني، جيڪڏهن عمران خان ليڊر آهي ته قانون هٿ ۾ کڻڻ بجاءِ کيس گرفتاري ڏيڻ گهرجي ها. ان موقعي تي اوقاف کاتي جي چيف ايڊمنسٽريٽر علي گل سنجراڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته درگاهن تي زائرين ۽ عقيدتمندن کي هر قسم جون سهولتون فراهم ڪرڻ اوقاف کاتي جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي، درگاهن جي احاطي ۾ ڪنهن به قسم جو غلط استعمال ٿيڻ نه ڏنو ويندو هن چيو ته حضرت عبدالله شاهه اصحابي جي سالياني عرس مبارڪ جي موقعي تي سڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا آهن، زائرين کي سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ لاءِ واڪ ٿرو گيٽس کان علاوه ليڊيز پوليس، پوليس ۽ رينجرز جا جوان به ڊيوٽي سرانجام ڏيندا. هن چيو ته اوقاف کاتي پاران زائرين ۽ عقيدتمندن جي سهولت لاءِ فري طبي امداد لاءِ طبي ڪئمپ، پيئڻ جي صاف پاڻي، واش رومز ۽ وضو سميت ٻين گهربل سهولتن جي فراهمي کي پڻ يقيني بڻايو پيو وڃي ته جيئن ڪين هر قسم جون ضروري سهولتون فراهم ڪري سگهجن جڏهن ته لنگر جو به بندوبست ڪيو ويو آهي ان موقعي تي مينيجر اوقاف محمد نواز پناهه ۽ ٻين کاتن جا آفيسر پڻ موجود هئا. ايڊمنسٽريٽر اوقاف علي گل سنجراڻي سان گڏ سنڌ جي مشهور بزرگ حضرت عبدالله شاهه اصحابي جي مزار تي چادر چاڙهي 380هين سالياني عرس مبارڪ جي تقريب جو افتتاح ڪرڻ بعد ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي ڪيو ان موقعي تي سڪيورٽي انتظامن بابت صحافي جي سوال جي جواب ۾ وزير اعليٰ سنڌ جي خاص مددگار سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو ته ٺٽو هڪ پرامن ضلعو آهي، ان جي باوجود سيڪيورٽي جا بهتر انتظام ڪيا ويا آهن. سنڌ جي ٻوڏ متاثرن جي وفاقي حڪومت پاران مدد نه ڪرڻ سبب پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري پاران وزارت تان استعيفيٰ ڏيڻ بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ٻوڏ دوران سڀ کان وڌيڪ نقصان سنڌ جو ٿيو هو ۽ سنڌ جي آبادگارن کي ڪڻڪ جي فصل جي مد ۾ 13 ارب روپين جي مالي امداد فراهم ڪرڻي هئي، ان ڏس مد ۾ 5 ارب روپيا سنڌ حڪومت جڏهن ته 8 ارب روپيا وفاق کي ڏيڻا هئا. جيڪي اڃا تائين وفاقي حڪومت فراهم نه ڪيا آهن جڏهن ته سنڌ ۾ ڪڻڪ جي ڪٽائي به شروع ٿي چڪي آهي. ان حوالي سان پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته اسان ويٺا به وفاق ۾ آهيون ۽ سنڌ جي هارين جي مدد لاءِ وفاق کان پئسا به نه پيا ملن ته پوءِ اهڙي وزارت مان ڪهڙو فائدو. بلاول ڀٽو زرداري صرف ايترو چيو آهي ته اسان پاڪستان جي وزيراعظم سان ڳالهائينداسين ته اسنا جا جيڪي به سنڌ جا جائز فنڊ آهن اهي ڏنا وڃن. هن چيو ته ثقافت کاتي واري وزير سان مڪلي قبرستان ۾ مقامي ماڻهن کي دفنائڻ تي پابندي واري معاملي تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي ۽ اميد آهي ته اهو مسئلو جلد حل ٿي ويندو. ملڪ ۾ مهانگائي بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ هن چيو ته سڄي دنيا ۾ مهانگائي جي لهر آهي ۽ پاڪستان ۾ به مهانگائي جو وڏو مسئلو آهي پر سنڌ ۾ روزمرهه جي استعمال واري شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي لاءِ وڏي وزير سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي ته جيئن سڄي صوبي ۾ اٽي سميت ٻين کاڌي پيتي جي شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي. هن چيو ته عمران خان چوي ٿو ته قانون سڀني لاءِ برابر هجڻ گهرجي پر عدالت جي حڪم باوجود جڏهن پوليس کيس گرفتار ڪرڻ لاءِ وئي ته هُن گرفتاري نه ڏني، جيڪڏهن عمران خان ليڊر آهي ته قانون هٿ ۾ کڻڻ بجاءِ کيس گرفتاري ڏيڻ گهرجي ها. ان موقعي تي اوقاف کاتي جي چيف ايڊمنسٽريٽر علي گل سنجراڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته درگاهن تي زائرين ۽ عقيدتمندن کي هر قسم جون سهولتون فراهم ڪرڻ اوقاف کاتي جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي، درگاهن جي احاطي ۾ ڪنهن به قسم جو غلط استعمال ٿيڻ نه ڏنو ويندو هن چيو ته حضرت عبدالله شاهه اصحابي جي سالياني عرس مبارڪ جي موقعي تي سڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا آهن، زائرين کي سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ لاءِ واڪ ٿرو گيٽس کان علاوه ليڊيز پوليس، پوليس ۽ رينجرز جا جوان به ڊيوٽي سرانجام ڏيندا. هن چيو ته اوقاف کاتي پاران زائرين ۽ عقيدتمندن جي سهولت لاءِ فري طبي امداد لاءِ طبي ڪئمپ، پيئڻ جي صاف پاڻي، واش رومز ۽ وضو سميت ٻين گهربل سهولتن جي فراهمي کي پڻ يقيني بڻايو پيو وڃي ته جيئن ڪين هر قسم جون ضروري سهولتون فراهم ڪري سگهجن جڏهن ته لنگر جو به بندوبست ڪيو ويو آهي ان موقعي تي مينيجر اوقاف محمد نواز پناهه ۽ ٻين کاتن جا آفيسر پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 31

مري سان شادي ٿي هئي ۽ هڪ مهينو مونکي مڙس استعمال ڪري گهر مان تشدد ڪري ڪڍي ڇڏيو آهي جڏهن ته مڙس تمام گهڻو عياش آهي ۽ هو عياش ماڻهو گهر ۾ وٺي ايندو هيو ته هنن سان به مل جنهن تي مان انڪار ڪيو ته هن مونکي تشدد ڪيو جڏهن ته مان انصاف لاءِ عدالت جو دروازو کڙڪايو جتي عدالت مونسان انصاف ڪيو ۽ پوليس کي حڪم ڏنو ته مونکي ۽ منهنجي مائٽن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي پر بي سيڪشن پوليس مون نياڻي سان انصاف ڪرڻ بجاءِ جوابدار منهنجو مڙس گل خان مري جيڪو ڪروڙ پتي آهي هن کان پيسا وٺي منهنجي امڙ، والد، ڀاءُ ۽ مونتي ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي جنهن جي ڪري اسان سخت پريشان آهيون هن چيو ته منهنجو مڙس پيسي وارو آهي ۽ هن جا ڏوهاري قسم جي ماڻهن سان تعلقات آهن هن جي ڪري مونکي ۽ منهنجي گهروارن کي ان مان جان جو خطرو آهي اسان پنهنجي جاءِ ڇڏي دربدر آهيون پر پوليس اسان سان انصاف نٿي ڪري هن چيو ته منهنجو مڙس منهنجي زندگي تباهه ڪري ڇڏي آهي ۽ مان پيٽ سان پڻ آهيان منهنجي اعليٰ عدالتن وزير اعظم پاڪستان وزير اعليٰ سنڌ آئي جي سنڌ ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي کان مطالبو ٿي ڪيان ته جوابدارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ مونسان انصاف ڪيو وڃي ته اگر مونکي ۽ منهنجي خاندان کي ڪو به نقصان پهتو ته ان جو ذميوار گل خان مري هوندو مري سان شادي ٿي هئي ۽ هڪ مهينو مونکي مڙس استعمال ڪري گهر مان تشدد ڪري ڪڍي ڇڏيو آهي جڏهن ته مڙس تمام گهڻو عياش آهي ۽ هو عياش ماڻهو گهر ۾ وٺي ايندو هيو ته هنن سان به مل جنهن تي مان انڪار ڪيو ته هن مونکي تشدد ڪيو جڏهن ته مان انصاف لاءِ عدالت جو دروازو کڙڪايو جتي عدالت مونسان انصاف ڪيو ۽ پوليس کي حڪم ڏنو ته مونکي ۽ منهنجي مائٽن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي پر بي سيڪشن پوليس مون نياڻي سان انصاف ڪرڻ بجاءِ جوابدار منهنجو مڙس گل خان مري جيڪو ڪروڙ پتي آهي هن کان پيسا وٺي منهنجي امڙ، والد، ڀاءُ ۽ مونتي ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي جنهن جي ڪري اسان سخت پريشان آهيون هن چيو ته منهنجو مڙس پيسي وارو آهي ۽ هن جا ڏوهاري قسم جي ماڻهن سان تعلقات آهن هن جي ڪري مونکي ۽ منهنجي گهروارن کي ان مان جان جو خطرو آهي اسان پنهنجي جاءِ ڇڏي دربدر آهيون پر پوليس اسان سان انصاف نٿي ڪري هن چيو ته منهنجو مڙس منهنجي زندگي تباهه ڪري ڇڏي آهي ۽ مان پيٽ سان پڻ آهيان منهنجي اعليٰ عدالتن وزير اعظم پاڪستان وزير اعليٰ سنڌ آئي جي سنڌ ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي کان مطالبو ٿي ڪيان ته جوابدارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ مونسان انصاف ڪيو وڃي ته اگر مونکي ۽ منهنجي خاندان کي ڪو به نقصان پهتو ته ان جو ذميوار گل خان مري هوندو

بقايا سنڌيار 32

موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان چيو ته اسان ننڍن ملازمن کي حق نٿا ڏنا وڃن اڳواڻن مطالبو ڪندي چيو ته سنڌ ۾ لوئر اسٽاف ملازمن کي هن وقت تائين اپگريڊ ناهي ڪيو ويو جڏهن مهانگائي روز وڌي رهي آهي جنهن سبب اسان پنهنجي ٻچڙن کي هڪ ويلي جي ماني به نه پيا ڪارائي سگهون هنن مطالبو ڪندي چيو ته اسان جي بنيادي اسڪيل 01 مان اپگريڊ ڪري 07 اسڪيل ڪيو وڃي. لوئر اسٽاف ملازمن کي ملنڊ يونيفارم الائونس ٻين الائونسن وانگر پگهار ۾ شامل ڪري ڏنو وڃي. لوئر اسٽاف ملازمن جي بايوميٽرڪ جي بنياد تي بند ڪيل پگهارون ڪوليون وڃن. تعليم کاتي جي لوئر اسٽاف ملازمن کي ٽائيم اسڪيل جو نوٽيفڪيشن جلد جاري ڪيو وڃي جيڪو 25.02.2019 تي وڏي وزير ۽ ان جي ڪابينا منظور ڪيو هو لوئر اسٽاف ملازمن کي ملنڊ جونيئر ڪلارڪ 30% ڪوٽا تي عمل ڪري پروموشن ڪيو وڃي. سيڪريٽريٽ ملازمن کي ملنڊ يوٽيلٽي الائونس تعليم کاتي جي لوئر اسٽاف ملازمن کي پڻ ڏنو وڃي. لوئر اسٽاف ملازمن کي بايو ميٽرڪ کان آجو ڪيو وڃي. ان کان علاوه لوئر اسٽاف ملازم کان پنهنجي پوسٽ جو ڪم ورتو وڃي. هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته اگر اسان جا مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاجي تحريڪ کي وڌايو ويندوموقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان چيو ته اسان ننڍن ملازمن کي حق نٿا ڏنا وڃن اڳواڻن مطالبو ڪندي چيو ته سنڌ ۾ لوئر اسٽاف ملازمن کي هن وقت تائين اپگريڊ ناهي ڪيو ويو جڏهن مهانگائي روز وڌي رهي آهي جنهن سبب اسان پنهنجي ٻچڙن کي هڪ ويلي جي ماني به نه پيا ڪارائي سگهون هنن مطالبو ڪندي چيو ته اسان جي بنيادي اسڪيل 01 مان اپگريڊ ڪري 07 اسڪيل ڪيو وڃي. لوئر اسٽاف ملازمن کي ملنڊ يونيفارم الائونس ٻين الائونسن وانگر پگهار ۾ شامل ڪري ڏنو وڃي. لوئر اسٽاف ملازمن جي بايوميٽرڪ جي بنياد تي بند ڪيل پگهارون ڪوليون وڃن. تعليم کاتي جي لوئر اسٽاف ملازمن کي ٽائيم اسڪيل جو نوٽيفڪيشن جلد جاري ڪيو وڃي جيڪو 25.02.2019 تي وڏي وزير ۽ ان جي ڪابينا منظور ڪيو هو لوئر اسٽاف ملازمن کي ملنڊ جونيئر ڪلارڪ 30% ڪوٽا تي عمل ڪري پروموشن ڪيو وڃي. سيڪريٽريٽ ملازمن کي ملنڊ يوٽيلٽي الائونس تعليم کاتي جي لوئر اسٽاف ملازمن کي پڻ ڏنو وڃي. لوئر اسٽاف ملازمن کي بايو ميٽرڪ کان آجو ڪيو وڃي. ان کان علاوه لوئر اسٽاف ملازم کان پنهنجي پوسٽ جو ڪم ورتو وڃي. هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته اگر اسان جا مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاجي تحريڪ کي وڌايو ويندو